ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) | آچر 18 آڪٽوبر 2026ع 06 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا | شمارو (64)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

آمريڪا سميت ڪيترائي ملڪ پاڪستان جي معدنيات ۾ دلچسپي رکن ٿا، پر انهن کي ڪو ٺيڪو ناهي ڏنو: وفاقي حڪومت

معدنيات جي شعبي ۾ هن وقت رڳو شروعاتي سطح تي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي. پاڪستان وٽ معدني وسيلا موجود آهن، پر ٻاهرين سيڙپڪاري ۽ ٽيڪنيڪي سهڪار کانسواءِ انهن مان ڀرپور فائدو وٺڻ ممڪن ناهي: خواجه آصف

اهڙن پانڌوارن سان ڪم ڪيو ويندو جن سان پاڪستان جا مفاد محفوظ رهن. خيبر پختونخوا ۾ معدنيات جا وڏي انگ ۾ لائسنس پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت دوران جاري ڪيا ويا. عسڪري ادارن جو سڄو سنڌون حصو نه هو

پاڪستان جي قيام کان 2010ع تائين خيبر پختونخوا ۾ معدنيات جا 482 لائسنس يا ٽائيٽل جاري ٿيا. 2020ع تائين 1762، فيبروري 2024ع تائين 3962 ۽ موجوده وقت ۾ اهو انگ 4917 تي پهتو

خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو واپس به وٺي سگهجي ٿو ان لاءِ ضمانت ضروري آهي ته ٻيهر اهڙي صورتحال پيدا نه ٿيندي. جيڪو به آئين ۽ رياست خلاف ڪردار ادا ڪندو ان سان قانون موجب منهن ڏنو ويندو

فوجي فائونڊيشن گذريل سال قومي ناڻي ۾ 323 ارب رپيا ٽيڪس جمع ڪرايو. فوجي ادارا پنهنجي آمدنيءَ جو حصو باقاعدگيءَ سان ٽيڪس جي صورت ۾ ادا ڪن ٿا، قومي تحويل ۾ ورتل ڪيترائي ادارا تباهيءَ جو شڪار آهن

بلوچستان حڪومت رياستي ادارن سان گڏجي دهشتگرديءَ جو مقابلو ڪري رهي آهي. خيبرپختونخوا ۾ اڳوڻي حڪومت دهشتگرديءَ خلاف لڙائي جو عزم ڏيکارڻ ۾ ناڪام رهي: گورنر ڪي پي ڪي فيصلو ڪرڻو ڪندي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بجاءِ واريءَ وفاقي وزير خواجا آصف چيو آهي ته آمريڪا، چين، ڪئناڊا ۽ آسٽريليا سميت ڪيترائي ملڪ پاڪستان جي قيمتي معدني وسيلن ۾ دلچسپي رکن ٿا، پر ڪنهن به ملڪ کي نه ڪا ڪان ڏني وئي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: وفاقي وزير خواجه آصف ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي اڳ ئي لاڳو ڪرڻ گهرجي ها، صوبي جون حالتون ڪنٽرول ۾ ناهن: نواز شريف

لنڊن (م-ڊ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ميان محمد نواز شريف خيبر پختونخواهه ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي حمايت ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته اهو ڪهڙو اڳ ٿيڻ
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اينڪر اقرار الحسن خلاف ڪيس خارج ڪرڻ واري درخواست رد، جسماني ريمانڊ ۾ 2 ڏينهن جي واڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جوڊيشل مئجسٽريٽ اوڀر جي عدالت اقرار الحسن کي ڪيس مان ڊسچارج ڪرڻ واري
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا ۾ مجبوريءَ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻي پئي، خاموش تماشائي بڻجي تباهي نه پيا ڏسي سگهون: وزيراعظم

هر ڏينهن ڌمڪيون ۽ لانگ مارچ ٿي رهيا هئا. ڌرڻا سڄي ملڪ جي نظام کي مفلوج ڪري ڇڏيندا آهن. سهيل آفريدي کي چيو ويو هو ته هو صوبي کي گهربل وسيلا فراهم ڪندو

خيبر پختونخوا جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ موجود آهيان. اسين جيڪڏهن خاموش تماشائي بڻجي ڏسون ها ته اها مجرماڻي غفلت هجي ها ۽ ايندڙ نسل اسان کي معاف نه ڪن ها

اڳوڻي وزيراعليٰ کي چيو ته دهشتگردي خلاف گڏ ٿيو، جواب ۾ لانگ مارچ جون ڌمڪيون مليون رهيون هيون. هن پيرن هن خونريزي جو منصوبو لکيو هو پي ٽي آءِ جي ماضي جي تاريخ خوفناڪ آهي

خيبرپختونخوا جي ماڻهن دهشتگردي خلاف ڪيترين ئي قربانيون ڏنيون آهن. دهشتگردي 2018 کان پوءِ افغانستان کان شروع ٿي ۽ هاڻي تائين جاري آهي. نارجي جنگ جا اثر سڄي خطي تي پيا آهن

گوجرانوالا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته خيبر پختونخواهه ۾ مجبوري ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻي پئي، خاموش تماشائي بڻجي تباهي نه پيا ڏسي سگهون گوجرانوالا ۾ ڳالهائيندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته خيبر پختونخواهه جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ موجود آهيان هن چيو ته خيبر پختونخواهه ۾ مجبوري ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻي پئي هر روز
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪي پي ڪي ۾ ايمرجنسي جو مقصد معدني ذخيرن تي قبضو ۽ آمريڪي سيڙپڪارن لاءِ رستو کولڻ آهي: فضل الرحمان

قبائلي علائقن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي پويان معدني وسيلن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جو مقصد به نظر اچي ٿو: جي يو آءِ سربراهه

آمريڪا سان معاهدن ذريعي پاڪستان جي وسيلن تي اثر رسوخ وڌائڻ ۽ آمريڪي سيڙپڪاريءَ لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

انهن قدمن جي بدلي حڪمرانن کي ڪي محدود مالي فائدا به حاصل ٿيڻ ٿا ته اهي قومي مفادن جي قيمت تي قبول ناهن

چين ۽ روس سميت ڪجهه اهم ملڪن کي به انهن اڳڀرائين تي خدشا آهن. جي يو آءِ اهڙين پاليسين جي حمايت نه ڪندي: ڪانفرنس کي خطاب

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته خيبر پختونخوا جي قبائلي ضلعن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو مقصد رڳو سيڪيورٽي صورتحال کي منهن
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ايشيئن گيمز ۾ ڪامياب ٿيندڙن کي انعام ڏئي رهيو آهي

سرحد پار کان دراندازي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي: ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ

پاڪستان جون هٿياربند فوجون پوري ملڪ جي حفاظت لاءِ هميشه تيار آهن. دشمن جي سرگرمين کان غافل ناهيون

ملڪ جي سلامتي، وقار ۽ تحفظ جي ڳري ذميواري ڪيڏل آهي. ڪيڊٽس کي ملڪ جي سلامتي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

پاڪستان خطي ۾ تازي ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ عالمي سطح تي مثبت ڪردار ادا ڪيو: جنرل سيد امير رضا جو ڪانفرنس ۾ خطاب

ايبٽ آباد (م د) ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جنرل سيد امير رضا چيو آهي ته پاڪستان جون هٿياربند فوجون پوري ملڪ جي حفاظت لاءِ هميشه تيار آهن ۽ سرحد پار کان دراندازي ڪنهن به حالت
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون پنجن مهينن جي بلند ترين سطح تي پهچي ويون

دبئي (م د) عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جا اگهه مٿي ڪاڻيو پهريون ڀيرو 110 ڊالر في بيرل جي ويجهو پهچي ويا آهن. معاشي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

مولانا فضل الرحمان جي بيان تي افسوس آهي: وفاقي حڪومت

قومي مسئلي کي سياسي الزامن جي ور چاڙهڻ افسوسناڪ آهي: طارق فضل

وفاقي حڪومت جي پهرين ترجيح عوام جو تحفظ ۽ خيبر پختونخوا ۾ امن قائم ڪرڻ آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته مولانا فضل الرحمان
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سانحو دهشتگردي جو وڏو واقعو هو، شهيدن قربانين کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي: بلاول ڀٽو

ڪراچي ۾ 18 آڪٽوبر 2007ع تي شهيد بينظير ڀٽو جي وطن واپس پهچڻ تي قافلي ۾ 2 زوردار ڌماڪا ٿيا

سانحي ۾ پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن سميت 150 کان وڌيڪ ماڻهو شهيد ۽ سوين زخمي ٿيا هئا

پيپلز پارٽي پاران شهيدن جي ياد ۾ ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ دعا واريون تقريبون منعقد ڪيون ويون

ڪراچي/ حيدرآباد (نمائندن وٽان) ڪراچي جي المناڪ ڪارساز سانحي کي 19 سال مڪمل ٿي ويا، 18 آڪٽوبر 2007ع تي شهيد بينظير ڀٽو ڏکي جلاوطنيءَ ڪاٽيو
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون جمهوري تاريخ جو اهم باب آهن: سعديه جاويد

سنڌ حڪومت جي ترجمان جي رهائشگاهه تي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني تقريب منعقد ڪئي وئي

شهيدن جون قربانيون وساري نٿيون سگهجن ۽ سندن جدوجهد ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سانحه ڪارساز جي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد جي رهائشگاهه تي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: سينيٽر طلال چوڌري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ايمانداري پبلڪ فنانس جي ماهر جي اصل قابليت آهي: مياندار راهوجو

ڪراچي ۾ پيفا جي 17هين گريجوئيشن تقريب دوران 100 گريجوئيٽس ۽ پوزيشن هولڊرز کي انعام ڏنا ويا

عوامي پئسو وڏي امانت آهي، ان جي شفاف استعمال سان بهتر سهولتون ڏئي سگهجن ٿيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا جي دهشتگرديءَ جا اثر پکڙجڻ جو خدشو آهي: شازيه مري

ڪي پي ڪي ۾ جتي هٿين خالي ۽ معصوم شهرين کي نشانو بڻايو پيو وڃي

قبائلي علائقن کانپوءِ دهشتگرديءَ جا اثر شهري علائقن تائين پهچي چڪا آهن

دهشتگرديءَ کي بهانو قرار ڏيڻ درست ناهي، اهو پاڪستان جو هڪ حقيقي مسئلو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مرڪزي ترجمان شازيه مري چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ دهشتگرديءَ جا لڳاتار واقعا ڳڻتيءَ جوڳا آهن. جتي هٿين خالي ۽ معصوم شهرين کي نشانو
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اڳوڻي سيڪريٽري فضل الله پيچوهو جي گاڏي تي نيب جي پابندي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ درخواست داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ اڳوڻي سيڪريٽري فضل الله پيچوهو جي گاڏي جي خريد ۽ وڪري تي منتقلي تي نيب پاران لڳايل پابندي خلاف درخواست تي ڌرين کان 7 ڊسمبر تائين جواب طلب
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس پاران ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ حيدرآباد جو دورو،نون منصوبن جو افتتاح

وڪيلن جو ڪارڻ ڪورٽ ۽ ٻاهر هڪ اهم ذميواري جي علامت آهن،ٺهڪندڙ ڪريشن کان پاسو ڪرڻ گهرجي:چيف جسٽس

وڪيلن کي جديد ٽيڪنالاجيءَ مان فائدو وٺندي قانوني تحقيق ۽ ڪيسن جي تياري بهتر بڻائڻ گهرجي:جسٽس ظفر احمد راجپوت

سائلين کي غيرقانوني صلاحون ڏيڻ کان هر صورت پرهيز ڪرڻ گهرجي،عدالت ۾ بهتر نمونو پيش ڪرڻ لاءِ محنت ۽ تياري بنيادي اهميت رکن ٿا

چيف جسٽس اٽ نون منصوبن عدالتن جا بلاڪ،عورتن لاءِ انتظار گاهه ۽ ڊجيٽل ڪاز لسٽ سسٽم جو افتتاح ڪيو

هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران چيف جسٽس جي مان ۾ آجياڻي جي تقريب،عدالتي عملدارن، ججن ۽ سينيئر وڪيلن شرڪت ڪئي

حيدرآباد(رپورٽ:غلام حسين خاصخيلي) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، جسٽس
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: چيف جسٽس سنڌ ظفر احمد راجپوت بار کي خطاب ڪري رهيو آهي

شنگهائي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ بس ڪمپني جي مالڪن سان ڳالهائيندي

بلوچستان جي چئن ضلعن جا 20 پوليس اهلڪار اغوا، هٿياربندن قلعه عبدالله ۾ پوليس چوڪي به تباهه ڪري ڇڏي

اغوا ٿيل پوليس اهلڪار قلات کان نوشڪي وڃي رهيا هئا ته رستي ۾، ڪين اغوا ڪيو ويو، مغوي اهلڪارن جو تعلق رخشان ڊويزن جي چئن ضلعن واشڪ، چاغي، خاران ۽ نوشڪي سان آهي: پوليس

مغوي اهلڪارن جو تعلق رخشان ڊويزن جي چئن ضلعن واشڪ، چاغي، خاران ۽ نوشڪي سان آهي، اهي اهلڪار قلات پوليس ٽريننگ سينٽر ۾ تربيت حاصل ڪري رهيا هئا ته سفر دوران واقعو ٿيو

هٿياربندن ڪجهه فاصلي تي گاڏيءَ جي ڊرائيور ۽ ٻن کان ٽن ٻين مسافرن کي ڇڏي ڏنو پر پوليس اهلڪارن کي پاڻ سان گڏ کڻي ويا، مغوي اهلڪارن جي بازيابيءَ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون ويون

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بلوچستان جي 20 پوليس اهلڪارن کي اڻڄاتل هٿياربندن ضلعي قلات ۽ مستونگ وچ ۾ سفر ڪندڙ اغوا ڪري ورتو جڏهن ته هڪ الڳ واقعي ۾ ضلعي قلعه عبدالله ۾ پوليس جي خالي چوڪي ڌماڪي سان ڪري پٽ ڪئي وئي آهي سرڪاري اختيارين موجب، اغوا ٿيل پوليس
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

CLASSIFIED ADVERTISMENT

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي تبيل ولد محمد احسان خاصخيلي رهاڪو ڳوٺ خدا بخش خاصخيلي هوسڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد احسان ولد غلام حسين خاصخيلي تاريخ 11-05-2023 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 34.35 بيا ايراضي 09-08 ايڪڙ ديهه سنهوار ٽپو اي هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي فوتي غلام علي جا وارث (1) تبيل (پٽ) (2) امداد علي خاصخيلي (پٽ) (3) عبدالرزاق خاصخيلي (پٽ) (4) شهزاد علي (پٽ) (5) اياز علي (پٽ) (6) سلمان (پٽ) (7) مسمات نورين (ڌي) (8) مسمات نازيه (ڌي) (9) مسمات بچڻي (ڌي) (10) مسمات ثمرين (ڌي) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي. جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرافاتڪ مير پور خاص رود حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا

فيملي سوٽ نمبر 26 سال 2026

(1) آسيه ڌيءُ رضا محمد (2) ثمينه ڌيءُ جميل احمد ذات بروهي رهندڙ لطيف ڪالوني پٽ شاه تعلقو هالا ضلعو مٽياري.. پلينٽف.. بخلاف.. جميل احمد ولد نبي بخش رهندڙ ڳلي واٽر نوابشاه ٽائون ضلعو شهيد بينظير آباد سيل نمبر 03043308317 ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري آف مينٽيننس اينڊ ڊور امائونٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد

(روبرو جناب عابد علي لاکو)

گارڊين سوٽ نمبر 150 سال 2026

مسمات رشيده بيواهه مرحوم عبدالرشيد سرمستي رهندڙ افضل شاه ٽائون نوابشاهه.. ايپليڪينٽ... بخلاف.. مسمات شريفان زال لال بخش سرمستي رهندڙ افضل شاه ٽائون نوابشاهه (1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) محمد ارشاد (2) ماريه جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد

(روبرو جناب عابد علي لاکو)

گارڊين سوٽ نمبر 115 سال 2026

مسمات عشرت خاتون بيواهه مرحوم دريا خان منگي رهندڙ گهر نمبر 283 حقاني ٽائون نزد گرڊ اسٽيشن نوابشاهه.. ايپليڪينٽ... بخلاف.. (1) دلاور خان (2) محمد اقبال (3) شگفته ناز (4) شمائلا (5) صنم سڀ ڌيئرون پٽ مرحوم دريا خان منگي (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) سجاد حسين (2) مصورعلي (3) علي اڪبر جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار

(روبرو جناب فهيم الدين سهتو)

ايف سي سوٽ نمبر 108 سال 2026

(1) مسمات پرائي زال حسين بخش ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ شاه پور رضوي ضلعو ٽنڊو الهيار.. پلينٽف.. بخلاف.. جنرل پبلڪ ايٽ لارج ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن ڪريڪشن تاريخ پيدائش لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج I ٽنڊو محمد خان

فيملي ايگزيڪيوشن 07 سال 2026 فيملي سوٽ 07 سال 2025

مسمات بيبي ڪومل ڌيءُ سيد علي حيدر شاهه رهندڙ ٽالپر ڪالوني ڪچي محلو ٽنڊومحمد خان.. پلينٽف.. بخلاف.. احسان علي شاه ولد علي نواز شاه رهندڙ ڳوٺ حاجي سائون ٽنڊو غلام علي تعلقو ماتلي ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج I ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي محمد گل حسن ولد محمد رمضان رهندڙ جاني شاه پارو تالاب نمبر 3 حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد رمضان ڏاتو هاليپوٽو تاريخ 26-11-2018 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 237,228,185,147/1 4to1 بيا ايراضي حصي موجب ديهه ٽپو اي هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي فوتي غلام علي جا وارث (1) محمد گل حسن (پٽ) (2) محمد عرفان (پٽ) (3) فريده (ڌي) (4) حنيفان (ڌي) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي. جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرافاتڪ مير پور خاص رود حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي طارق عزيز بالادي ولد غلام رسول رهندڙ ڳوٺ قولڻ خان بالادي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي عبدالمجيد ولد عبدالخالق بالادي تاريخ 01-01-1998 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 215/1,2 217,218,288 بيا ايراضي حصي موجب ديهه پنهواري ٽپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي فوتي غلام علي جا وارث (1) طارق عزيز ولد غلام رسول (سوٽ) (2) عبدالرسول (سوٽ) (3) شبير احمد (سوٽ) (4) اعظم علي (سوٽ) (5) ناظم علي (سوٽ) (6) ڪاظم علي (سوٽ) (7) شبير حسين (سوٽ) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي. جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرافاتڪ مير پور خاص رود حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي طارق عزيز بالادي ولد غلام رسول رهندڙ ڳوٺ قولڻ خان بالادي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي عبدالمجيد ولد عبدالخالق بالادي تاريخ 01-01-1998 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 215/1,2 217,218,288 بيا ايراضي حصي موجب ديهه پنهواري ٽپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي فوتي غلام علي جا وارث (1) طارق عزيز ولد غلام رسول (سوٽ) (2) عبدالرسول (سوٽ) (3) شبير احمد (سوٽ) (4) اعظم علي (سوٽ) (5) ناظم علي (سوٽ) (6) ڪاظم علي (سوٽ) (7) شبير حسين (سوٽ) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي. جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرافاتڪ مير پور خاص رود حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار

اٿون علي رضا پنهور ولد مرحوم محمد صفر پنهور حلفيه بيان ڏيان ٿو ته مون پنهنجي وڏي زال سائره ڌيءُ محمد پنهور کي تاريخ 05-01-2023 تي طلاق ڏيئي ڇڏي آهي جنهن مان مونکي چار ٻار آهن ٻه پٽ ٻه ڌيئرون هڪ وڏو پٽ مير علي مراد پنهور شادي ٿيل آهي ان کان علاوه ٻن ڌيئرن جي ٻه شادي ٿيل آهي ننڍو پٽ حسن رضا جنهن جي عمر 18 سال اهي مان پنهنجي ٻارن کان مڪمل لاتعلقي جو اظهار ڪيان ٿو صرف ننڍي پٽ سان وابستگي آهي اهو رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي يا نقصان نفعي جا ذميوار خود منهنجا ٻار هوندا هي حلفيه بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي

علي رضا پنهور ولد محمد صفر (مرحوم)

شناختي ڪارڊ نمبر 4120439523133

[redacted]

ڏمڪيون ۽ لانگ مارچ ٿي رهيا آهن ڏرڙا سڄي ملڪ جي نظام کي مفلوج ڪري ڇڏيندا آهن سهيل آفريدي کي ڇيو ريو هو ته هو صوبي کي گهربل وسيلا فراهم ڪندڻ هو خاموش تماشائي بڻجي تباهي ته ٿو ڏسي سگهي جيڪڏهن هن ائين ڪيو ته اها مجرمانه غفلت هوندي ۽ ايندڙ نسلون اسان کي معاف نه ڪن ها. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته اڳوڻي وزيراعليٰ کي چيو ته دهشتگردي خلاف گڏ ٿيو جواب ۾ ڪيس لانگ مارچ جون ڏمڪيون ملي رهيون هيون هن پيري هن خونريزي جو منصوبو ڏاهيو هو ڇي ڪي آءِ جي ماضي جي تاريخ خوفناڪ آهي هن چيو ته خيبر پختونخوا جي ماڻهن دهشتگردي خلاف ڪيترين ئي قربانيون ڏنيون آهن دهشتگردي 2018 کان پوءِ افغانستان کان شروع ٿي ۽ هاڻي ٿائين جاري آهي هن وڌيڪ چيو ته خليج جي جنگ جا اثر سڄي خطي تي پيا آهن

ڪردار تي توجهه ڏني وڃي اهڙي طرح پروفيسر تاج حسن "پاڪستان ڊراما ڪورس جي ترقي ۽ نفاذ— باهمي اشتراڪ ذريعي HALO نيٽ ورڪ جي جوڙجڪ" جي موضوع تي آن لائن سيشن پيش ڪيو ان سيشن ۾ ڊراما ڪيئر جي تربيت، علم جي متاسئا، ڪذيل ڪوششن ۽ مختلف ادارن وچ ۾ سهڪار جي اهميت کي نروار ڪيو ويو

موقف اختيار ڪيو ته نيب فضل الله پيچوهو جي گاڏي جي خريد ۽ وڪري تي پابندي لڳائي چڪي آهي جڏهن ته هن وقت فضل الله پيچوهو خلاف نيب وٽ ڪو به ڪيس موجود ناهي وڪيل موجب نيب آرڊيننس ۾ ترميم ڪانپوءِ لاڳاپيل ڪيس بين لاڳاپيل فورمن ڏانهن منتقل ٿي چڪا آهن ۽ نيب وٽ هاڻي فضل الله پيچوهو خلاف ڪو ڪيس يا انڪوائري ناهي

بخش خان مهر وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف عباس پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ جو چيئرمين نجم احمد شاهه

ڪي يو - اي بي جي امتحان ۾ حصو ورتو انهن مان قومي ۽ علائقائي سطح تي نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ 124 شاگردن کي اعزازن سان نوازيو ويو

جو وڏو واقعو هو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جو قتل ملڪ ۽ وفاق جي خلاف سازش هئي هن چيو ته بينظير ڀٽو 18 آڪٽوبر 2007 تي گهر واپس آئي شهيد بي بي غريب عوام جي آواز هئي

دهشتگرديءَ جو حل ڪهڙي راڄ ۾؟ گورنر راڄ يا عوامي راڄ؟

فريد احمد

نيٽ اهو ٿي ٿيو جنهن جو انديشو ظاهر ڪيو پئي ويو. وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري گورنر راڄ قائم ڪري چڪيو آهي. ان قدم کي رڳو انتظامي تبديلي نٿو چئي سگهجي. ڇاڪاڻ تہ ان سان چونڊيل صوبائي حڪومت جو اختيار گورنر حوالي ڪيو ويو ۽ حڪومتي معاملا هلائڻ لاءِ صلاحڪار ڪائونسل جوڙي وئي، جنهن ملڪ ۾ جمهوري نظام، صوبائي خودمختياري ۽ دهشتگرديءَ جي خاتمي بابت ڪيترن ئي بحثن ۽ سوالن کي جنم ڏنو. سوال اهو آهي تہ ڇا ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ سان دهشتگرديءَ جو مسئلو حل ٿيندو يا رڳو انتظامي اختيارن جي ورڇ تبديل ٿيندي؟

گورنر راڄ کان اڳ تحريڪ انصاف اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ شروع ڪري چڪي هئي.

عمران خان جي آزادي، طبي سهولتن ۽ ملاقاتن، نين چونڊن ۽ ٻين مطالبن جي مارچ جو حصو بڻايو ويو هو. حڪومت رستن تي رڪاوٽون وڌيون ۽ سيڪيورٽي سخت ڪئي. جڏهن تہ ڌرين وچ ۾ ڳالهيون بہ ٿيون. پر ڪو نتيجو نہ نڪتو. اهڙي سياسي ڇڪتاڻ کان پوءِ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ٿيڻ سان اهو سوال اڀري ٿو تہ ڇا هي قدم بنيادي طور امن امان جي بهتريءَ لاءِ کنيو ويو يا ان جا سياسي اثر بہ آهن؟ ان جو جواب رڳو بيانن سان نہ، پر فيصلي جي نتيجن سان سامهون اچڻ گهرجي.

11 آڪٽوبر 2026ع تي آئين جي آرٽيڪل 232 ۽ 234 جو حوالو ڏيندي خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو. جنهن جي منظوري 15 آڪٽوبر تي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ڏئي ڇڏي. ان کان پوءِ صلاحڪار ڪائونسل ۽ انتظامي بندوبست بابت قدم کنيا ويا. آئين ۾ غيرمعمولي حالتن لاءِ خاص قدم کڻڻ جي گنجائش موجود آهي. پر ڪنهن قدم جو آئيني بنياد هجڻ ۽ ان سان مسئلو حل ٿيڻ بہ الڳ ڳالهيون آهن. اصل امتحان اهو آهي تہ ڇا انهن قدمن سان دهشتگرديءَ ۾ گهٽتائي ايندي، ماڻهن جي جان ۽ مال جو تحفظ بهتر ٿيندو ۽ ڊگهو امن قائم ٿيندو؟

هن معاملي ۾ معدني وسيلن جو سوال بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. خيبرپختونخوا جي معدنيات بابت قانون سازيءَ تي اڳ بہ صوبائي اختيارن ۽ وسيلن جي انتظام بابت بحث ٿيندو رهيو آهي. معدني وسيلن کي استعمال ڪرڻ يا سيڙپڪاري آڻڻ پاڻ ۾ غلط ناهي، پر اصل سوال اهو آهي تہ فيصلا ڪيترا شفاف آهن. مقامي ماڻهن کي ڪيترو فائدو ملي ٿو ۽ صوبائي حقن جو تحفظ ڪيئن ٿئي ٿو. گورنر راڄ کان پوءِ معدنيات واري شعبي کي صلاحڪار ڪائونسل ۾ ذميواري ملڻ سبب انهن فيصلن جي مقصد ۽ مستقبل بابت سوال اٿڻ فطري آهي. رڳو قلمدان ملڻ کي ڪنهن غيرقانوني مقصد يا معدني وسيلن بابت غلط فيصلي جو ثبوت نٿو سمجهي سگهجي. پر عوام کي اهو پڇڻ جو حق ضرور آهي تہ انهن وسيلن بابت ٿيندڙ فيصلن ۾ صوبائي حقن ۽ مقامي ماڻهن جي مفادن جو تحفظ ڪيئن ٿيندو.

بلوچستان جو مثال بہ اهم آهي. اتي مختلف سرڪاري ڪارروائين باوجود بدامني مڪمل طور ختم نہ ٿي سگهي آهي. جيڪڏهن حڪومتي سهڪار ئي دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ ڪافي هجي ها تہ پوءِ بلوچستان ۾ سالن کان جاري تشدد ڇو برقرار آهي؟ ان جو مطلب اهو ناهي تہ وفاق ۽ صوبي جو سهڪار غيرضروري آهي، پر اهو ضرور ظاهر ٿئي ٿو تہ مسئلو رڳو سهڪار يا عدم سهڪار جو ناهي. هٿياربند گروهن خلاف ڪارروائيءَ سان گڏ سياسي شڪايتن، مقامي ماڻهن جي حقن، روزگار ۽ رياستي ادارن تي اعتماد جا سوال بہ حل ڪرڻا پوندا.

ملڪ ۾ امن امان جا مسئلا، قرضن جو بار، معاشي ڏکيائيون ۽ عام ماڻهوءَ جون پريشانيون بہ موجود آهن. انهن سڀني مسئلن جي ذميواري رڳو هڪ صوبي تي نٿي رکي سگهجي. وفاقي حڪومت بہ پنهنجي پاليسين ۽ حڪمرانيءَ جي نتيجن بابت جوابده آهي. جيڪڏهن حڪمران ڌر جو موقف آهي تہ صوبائي حڪومت جي عدم سهڪار سبب دهشتگرديءَ تي ضابطو نٿو اچي، تہ پوءِ وفاقي حڪومت کي بہ پنهنجي ڪردار بابت جواب ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن نظام ۾ مسئلا حل ڪرڻ جي گنجائش گهٽجي وئي آهي تہ ڇا ان جو حل رڳو هڪ صوبي ۾ اختيار مرڪوز ڪرڻ آهي، يا وفاقي سطح تي بہ حڪمرانيءَ جي طريقي جو جائزو وٺڻ ضروري آهي؟

دهشتگرديءَ جو حل رڳو گورنر راڄ يا چونڊيل حڪومت جي موجودگيءَ ۾ نہ، پر اثرائتي حڪمت عمليءَ ۾ آهي. قانون جي عملداري، مضبوط پوليسنگ، وفاق ۽ صوبي جي سهڪار، مقامي ماڻهن جي اعتماد ۽ سياسي مسئلن جي حل کي گڏ کڻي هلڻو پوندو. جيڪڏهن ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ سان امن امان ۾ پائيدار بهتري اچي ٿي تہ ان جا نتيجا سامهون ايندا، پر جيڪڏهن رڳو انتظامي اختيارن جي منتقلي ٿئي ۽ مسئلن جا بنيادي سبب برقرار رهن تہ پوءِ مقصد حاصل نہ ٿيندو.

بهرحال سوال اهو ناهي تہ 'راڄ' گورنر جو هجي يا چونڊيل حڪومت جو. سوال اهو آهي تہ عوام کي امن، انصاف ۽ پنهنجي وسيلن تي جائز حق ڪهڙي حڪمرانيءَ مان ملي ٿو. حڪومت جو نالو بدلائڻ ڪاميابي ناهي، ڪاميابي تڏهن آهي، جڏهن ماڻهن جي زندگي محفوظ ٿئي ۽ سندن مسئلا حل ٿين.



ملڪ کي مليل هڪڙو اعزاز ۽ ڪيترائي سوال

مجيب ناريجو

پاڪستان کي قرضدار ملڪن جي پليٽفارم جي سرواڻي ملڻ ملڪ لاءِ هڪ اهم عالمي ذميواري آهي. ان وسيلي پاڪستان قرضن جي بار هيٺ آيل ملڪن جي مسئلن کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ، قرضن جي انتظام بابت تجربن جي متاسنا ۽ گڏيل سهڪار کي هٿي ڏيڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. پر هن سرواڻيءَ جي اهميت رڳو عالمي سطح تي پاڪستان جي نمائندگيءَ تائين محدود ناهي. اصل سوال اهو آهي تہ قرضن جي مسئلي بابت عالمي تجربن مان ملڪ پاڻ ڪيترو فائدو وٺي ٿو ۽ پنهنجي عوام کي وڌندڙ غربت ۽ معاشي ڏکيائين مان ڪڍڻ لاءِ ڪهڙا قدم کڻي ٿو.

12 آڪٽوبر 2026ع تي بئنڪاڪ ۾ عالمي بئنڪ ۽ عالمي مالياتي فنڊ جي سالياني اجلاسن جي موقعي تي پاڪستان جي نائي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب قرضدار ملڪن جي پليٽفارم جي گورننگ ڪائونسل جي چيئرمين شپ قبول ڪئي. گڏيل قومن جي واپار ۽ ترقيءَ واري اداري (UNCTAD) جي سهڪار سان قائم هن پليٽفارم جو مقصد قرض وٺندڙ ملڪن کي قرضن جي انتظام بابت تجربن جي متاسنا، فني سهڪار ۽ وڌائڻ ۽ ترقيءَ لاءِ مالي وسيلن جي بهتر بندوبست تي گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ آهي. هي پليٽفارم قرض معاف ڪرائڻ يا قرضن جي شرطن بابت گڏيل ڳالهين جو فورم ناهي. تنهنڪري هن سرواڻي مان فائدو حاصل ڪرڻ جو دارومدار ان ڳالهہ تي هوندو تہ پاڪستان ۽ ٻيا ميمبر ملڪ گڏيل تجربن کي قرضن جي بهتر انتظام ۽ ترقيءَ لاءِ ڪيتري حد تائين ڪتب آڻين ٿا.

قرضن جو بحران رڳو پاڪستان جو مسئلو ناهي. UNCTAD جي رپورٽ 'اي ورلڊ آف ڊيٽ 2025' موجب 2024ع ۾ اسرندڙ ملڪن جو سرڪاري قرض 31 ٽريلين ڊالرن تائين پهچي ويو جڏهن تہ انهن ملڪن سرڪاري قرضن تي خالص وياج جي مد ۾ 921 ارب ڊالر ادا ڪيا. رپورٽ موجب، 46 اسرندڙ ملڪن ۾ رهندڙ 3.4 ارب ماڻهن جا ملڪ صحت يا تعليم تي ٿيندڙ خرچن مان ڪنهن هڪ کان وڌيڪ رقم وياج جي ادائيگيءَ تي خرچ ڪري رهيا هئا. جڏهن سرڪاري آمدنيءَ جو وڏو حصو قرضن جي وياج ۾ وڃي ٿو تہ ڏهن اسپتالن، اسڪولن ۽ ٻين عوامي سهولتن لاءِ وسيلا محدود ٿين ٿا. قرض ترقيءَ جو وسيلو ٿي سگهي ٿو پر جيڪڏهن ان جي ادائيگيءَ جو بار ترقيءَ لاءِ گهربل خرچن کي دٻائي ڇڏي، تہ پوءِ ان جي استعمال ۽ شرطن تي سوال اٿڻ فطري آهي.

پاڪستان ۾ بہ بنيادي سوال اهو آهي تہ قرضن مان معيشت کي ڪيترو فائدو پهتو. گذريل سالن ۾ قرضن جي مدد سان ڪيتري پيداواري صلاحيت وڌي، ڪيترا پائيدار روزگار پيدا ٿيا ۽ روانگي واپار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪهڙو بنياد تيار ٿيو؟ جيڪڏهن قرضن جو سلسلو جاري رهي، پر معيشت بار بار ٻاهرين مالي سهڪار جي محتاج ٿئي، تہ رڳو نئين قسط ملڻ کي ڪاميابي ڪيئن چئجي؟ قرضن جي رقم سان گڏ انهن جي استعمال ۽ نتيجن جو حساب بہ ڏيڻ ضروري آهي.

پاڪستان جي 'اقتصادي سروي 2025-26ع موجب، 2019-18ع ۽ 2024-25ع ملڪي معيار موجب غربت جي شرح 21.9 سيڪڙو مان وڌي 28.9 سيڪڙو ٿي وئي. غربت جي اها شرح بنيادي ضرورتن جي پورائي لاءِ گهربل خرچن جي بنياد تي مقرر ڪئي ويندي آهي. ساڳئي عرصي ۾ آمدنيءَ يا خرچن جي اڻبرابري ظاهر ڪندڙ انگ (گِني ڪوفيشيئنٽ) بہ 28.4 مان وڌي 32.7 ٿي ويو. يعني غربت ۾ واڌ سان گڏ معاشي وسيلن جي ورڇ ۾ بہ اڻبرابري وڌي وئي. اهي انگ گهراڻن جي آمدني ۽ خرچن بابت سرڪاري سروي جا نتيجا آهن. تنهنڪري رڳو سياسي بحث ڪرڻ بدران، غربت ۽ اڻبرابريءَ پٺيان لڪل معاشي سببن کي سمجهڻ ضروري آهي ان حوالي سان صوبن جي صورتحال بہ ڳڻتيءَ جوڳي آهي. ساڳئي سروي موجب، 19-2018ع کان 25-2024ع تائين پنجاب ۾ غربت جي شرح 16.5 سيڪڙو مان وڌي 23.3 سيڪڙو، سنڌ ۾ 24.5 مان 32.6 سيڪڙو، خيبر پختونخوا ۾ 28.7 مان 35.3 سيڪڙو ۽ بلوچستان ۾ 41.8 مان 47 سيڪڙو ٿي وئي. ٻهراڙيءَ ۾ غربت 28.2 سيڪڙو مان وڌي 36.2 سيڪڙو ۽ شهرن ۾ 11 سيڪڙو مان وڌي 17.4 سيڪڙو ٿي. بلوچستان ۾ غربت جي شرح سڀ کان وڌيڪ رهي. اهي انگ ظاهر ڪن ٿا تہ غربت جو مسئلو ڪنهن هڪ صوبي يا رڳو ٻهراڙيءَ تائين محدود ناهي.

ساڳئي سروي ۾ ڪجهہ سماجي شعبن ۾ بهتريءَ جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي. ڏهن سالن يا ان کان وڌي عمر وارن ۾ پڙهڻ لکڻ (خواندگي) جي شرح 60 سيڪڙو مان وڌي 63 سيڪڙو ٿي. جڏهن تہ گهرن ۾ انٽرنيٽ جي رسائي 34 سيڪڙو مان وڌي 70 سيڪڙو ٿي. ان ڪري معاشي صورتحال جو جائزو وٺندي بهتريءَ وارن اشارن کي بہ نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي. پر خواندگي ۽ انٽرنيٽ تائين رسائيءَ ۾ واڌ سان گڏ غربت ۽ اڻبرابريءَ ۾ واڌ سان اهو سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو تہ سماجي بهتريءَ جا فائدا ماڻهن جي آمدني، روزگار ۽ بنيادي ضرورتن جي پورائيءَ ۾ ڪيتري حد تائين ظاهر ٿيا آهن.

غربت جي سنگينيءَ بابت عالمي بئنڪ جي ميناپ (وچ اوڀر، اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان) بابت هلندڙ مهيني (آڪٽوبر 2026ع) واري رپورٽ موجب، هن علائقي ۾ روزانو 3 ڊالرن کان گهٽ آمدنيءَ واري عالمي غربت جي حد کان هيٺ رهندڙ ماڻهن جو لڳ ڀڳ 48 سيڪڙو پاڪستان ۾ رهي ٿو. اهو انگ پاڪستان جي ڪُل آباديءَ ۾ غريب ماڻهن جو سيڪڙو نہ، پر ڄاڻايل علائقي جي غربت جي حد کان هيٺ رهندڙ ماڻهن ۾ پاڪستان جو حصو آهي. رپورٽ موجب، پاڪستان ۾ 2019-18ع کان 2025-24ع تائين روزانو 3 ڊالرن واري حد تي ماپيل غربت جي شرح 6.4 سيڪڙو پوائنٽ وڌي. جڏهن تہ 4.20 ڊالرن واري حد تي اها واڌ 3.2 سيڪڙو پوائنٽ هئي. غربت جون اهي عالمي حدون 2021ع جي خريداريءَ جي سگهہ جي برابريءَ جي بنياد تي مقرر ڪيون ويون آهن.

عالمي بئنڪ جي ڄاڻايل انگن اکرن ۽ سببن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ غربت ۾ واڌ کي رڳو هڪ سال جي معاشي صورتحال سان ڳنڍي نٿو سگهجي. ملڪي ۽ عالمي معيارن موجب غربت جي ماپ ۾ فرق هوندي بہ ٻنهي مان اهو سوال اڀري ٿو تہ معاشي استحڪام جي دعوائن سان گڏ گهراڻن جي گذر سفر ۽ عوام جي خريداريءَ واري سگهہ ۾ ڪيتري بهتري آئي آهي.

قرضن جي انگن اکرن تي نظر وجهڻ سان مسئلي جو هڪ ٻيو اهم پاسو سامهون اچي ٿو. 'دي نيوز' جي 7 آڪٽوبر 2026ع واري رپورٽ، جيڪا اسٽيٽ بئنڪ جي انگن اکرن تي ٻڌل آهي، موجب آگسٽ 2026ع جي پڇاڙيءَ تي مرڪزي حڪومت جو قرض 82.953 ٽريلين رپيا هو. اهو جولاءِ جي ڀيٽ ۾ 0.5 سيڪڙو گهٽ، پر هڪ سال اڳ جي ڀيٽ ۾ 7.1 سيڪڙو وڌيڪ هو. واضح هجي تہ هي انگ رڳو مرڪزي حڪومت جي قرض جو آهي، ملڪ جي سمورن قرضن ۽ ذميوارين جي گڏيل رقم جو نہ. هڪ مهيني جي گهٽتائيءَ کي ڏسي قرضن جو مسئلو حل ٿيڻ جو نتيجو ڪڍڻ مناسب ناهي. اصل سوال اهو آهي تہ سرڪاري آمدنيءَ جو ڪيترو حصو قرضن جي وياج جي ادائگيءَ تي خرچ ٿئي ٿو ۽ قرضن جو بار گهٽائڻ سان گڏ معيشت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا پيا وڃن.

مالي خسارو گهٽائڻ ۽ سرڪاري آمدني وڌائڻ حڪومت جي ذميواري آهي، پر ان لاءِ کنيل قدمن جو بار ڪنهن تي پوي ٿو اهو بہ اهم آهي. عام ماڻهو مهانگائي، بجليءَ جي بلن ۽ روزمره جي شين تي ٽيڪسن جو اثر پوڳي ٿو. جيڪڏهن مالي سڌارن جي قيمت جو وڏو حصو محدود آمدنيءَ وارا ماڻهو ادا ڪن، تہ پوءِ اهو ڏسڻ بہ ضروري آهي تہ وڌيڪ وسيلن وارن طبقن جي ذميواري ڪيتري آهي ۽ سرڪاري خرچن مان فائدو ڪنهن کي ملي ٿو. ٽيڪس وڌائڻ يا خرچ گهٽائڻ ۾ ڪاميابيءَ جو معيار ناهي. اصل معيار اهو آهي تہ حڪومت جا وسيلا ڪهڙي نموني گڏ ٿين ٿا ۽ عوام جي ضرورتن تي ڪيتري ذميواريءَ سان خرچ ٿين ٿا.

سماجي تحفظ جا پروگرام گهٽ آمدنيءَ وارن گهرن لاءِ اهم سهارو آهن. پر اهي غربت جي بنيادي سببن جو مستقل حل ناهن. پاڪستان جي اقتصادي سروي 2025-26 موجب، مالي سال 2025-26ع ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام لاءِ 722.49 ارب رپيا رکيا ويا. جڏهن تہ جولاءِ کان مارچ تائين 540.27 ارب رپيا جاري ٿيا يا ورهايا ويا. اهڙي مدد ضرورتمند خاندانن کي ڪجهہ سهارو ڏئي ٿي. پر مناسب روزگار، مناسب اجرت، تعليم ۽ صحت جي سهولتن جو متبادل نٿي بڻجي سگهي. سماجي مدد سان گڏ اهڙيون پاليسيون بہ ضروري آهن، جيڪي روزگار جا موقعا وڌائين، ڪمائيندڙ ماڻهن جي آمدنيءَ کي سهارو ڏين ۽ خاندانن کي ڊگهي عرصي تائين امداد تي ڀاڙڻ کان بچائين.

پاڪستان کي قرضدار ملڪن واري پليٽفارم جي گورننگ ڪائونسل جي چيئرمين شپ مان حقيقي فائدو تڏهن ٿيندو، جڏهن ملڪ ٻين قرضدار ملڪن جي تجربن مان سکي، قرضن جي بهتر انتظام ۽ پنهنجي معاشي پاليسين ۾ شفافيت ۽ سڌارا آڻڻ لاءِ هن عالمي فورم کي ڪتب آڻيندو. قرض ڪهڙن مقصدن لاءِ ورتا ويا، ڪٿي خرچ ٿيا ۽ انهن مان ڪهڙا نتيجا نڪتا، ان بابت عوام کي ڄاڻ ملڻ گهرجي. عالمي سطح تي بهتر مالي نظام جي حمايت ڪرڻ سان گڏ پنهنجي ملڪ ۾ عوامي پئسي جي استعمال بابت جوابدهيءَ کي بہ اهميت ڏيڻي پوندي. عوامي پئسي جي استعمال ۾ شفافيت ۽ جوابدهيءَ کان سواءِ معاشي سڌارن جي دعوائن تي بہ سوال اٿندا رهندا.

پاڪستان کي مليل اعزاز پنهنجي جاءِ تي اهم آهي. پر عوام کي اهو پڇڻ جو حق آهي تہ قرض ڪٿي خرچ ٿيو، ان مان ڪهڙي پيداواري صلاحيت ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿيا، غربت ڇو وڌي ۽ معاشي سڌارن جو بار ڪنهن تي پيو. قرضدار ملڪن جي سرواڻيءَ جي اصل اهميت ان ڳالهہ سان ماپي ويندي تہ پاڪستان عالمي سطح تي حاصل ڪيل تجربن ۽ سهڪار کي پنهنجي معاشي مسئلن جي حل، غربت ۾ گهٽتائي ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيترو ڪتب آڻي ٿو.

جنگ جا بدلجندڙ پاسا: امن ۽ معيشت لاءِ وڌندڙ خطرا

فريد احمد

وچ اوڀر جي جنگ وڌيڪ محاذن تائين پکڙجي رهي آهي. ايران ۽ آمريڪا جي سڌي ٽڪراءَ جا نتيجا هاڻي سعودي عرب ۽ يمن جي محاذن تي بہ نمايان ٿي رهيا آهن. ميزائلن ۽ ڊرون حملن سان گڏ اهم سامونڊي لنگهن تي اثر رسوخ جي جنگ بہ تيز ٿي رهي آهي. سعودي عرب لاءِ حوثين جي اڳڀرائي روڪڻ ۽ باب المندب جي اهم سامونڊي لنگهہ کي محفوظ رکڻ هڪ وڏو چئلينج آهي. جڏهن تہ حوثي سعودي عرب جي فوجي ۽ معاشي ٽڪاڻن کي نشانو بڻائي پنهنجي پهچ ۽ فوجي سگهہ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. هن ويڙهہ جي اهميت رڳو فوجي نقصان تائين محدود ناهي. هرمز ۽ باب المندب جهڙن اهم سامونڊي لنگهن جي سلامتي، تيل ۽ گئس جي رسد ۽ عالمي واپار جو مستقبل بہ ان سان ڳنڍيل آهي. سوال اهو آهي تہ ڇا سعودي عرب ۽ يمن جا محاذ ايران - آمريڪا جنگ جي وڌيڪ پکڙجڻ جو سبب بڻجي رهيا آهن؟ ۽ جيڪڏهن ائين آهي تہ ان جي معاشي قيمت آخر ڪير ڀريندو؟

جولاءِ 2026ع ۾ يمن جي صنعاءَ ايئرپورٽ جي رن وي تي حملو سعودي عرب ۽ حوثين وچ ۾ ڇڪتاڻ جي اهم واقعن مان هو. آيت الله علي خامنائيءَ جي آخري رسمن ۾ شرڪت ڪندڙ حوثي وفد کي ڪٽي ايندڙ ايران جي ماهان ايئر جي اڏام جي واپسيءَ کان پوءِ رن وي کي نشانو بڻايو ويو. حملي جي حمايت ڪندڙ ڌرين جو موقف هو تہ حوثي ايئرپورٽ کي فوجي مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيا هئا. حوثين ان کي پنهنجي خلاف جارحيت قرار ڏنو ۽ ان کان پوءِ سعودي عرب جي ابها ايئرپورٽ تي جوابي ميزائل ۽ ڊرون حملي جي دعوي ڪئي.

جنهن کان پوءِ ڇڪتاڻ جو هڪ اهم پاسو يمن اندر علائقن تي قبضي جي ويڙهہ بڻيو. تعز، موخا ۽ ذباب جا علائقا باب المندب جي ويجهو هجڻ سبب فوجي ۽ واپاري لحاظ کان اهم آهن. باب المندب ڳاڙهي سمنڊ کي عدن جي نار سان ڳنڍي ٿو ۽ ايشيا، وچ اوڀر ۽ يورپ وچ ۾ جهازن جي اچ وڃ لاءِ اهم لنگهہ آهي. سعودي عرب جي پٺڀرائيءَ واري يمن جي حڪومتي فوجن ۽ حوثين وچ ۾ هن علائقي تي ڪنٽرول جي ويڙهہ جو اثر يمن کان ٻاهر بہ پئجي رهيو آهي. سگهي ٿو. البت، ڪنهن سامونڊي لنگهہ جي ويجهو فوجي اثر وڌڻ ۽ ان تي مڪمل قبضو هجڻ ۾ فرق آهي.

آڪٽوبر ۾ حوثين جا حملا سعودي عرب جي راڄڌاني رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تائين پهچي ويا. رپورٽن موجب، 8 آڪٽوبر واري حملي ۾ ٽي ڄڻا مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا. 10 آڪٽوبر تي ٿيل حملي بابت سعودي اختيارين 12 ڄڻن جي مارجڻ ۽ 309 جي زخمي ٿيڻ جو انگ ڏنو. ان کان پوءِ ايئرپورٽ جون اڏامون متاثر ٿيون ۽ آپريشن عارضي طور بند ڪرڻا پيا. 11 آڪٽوبر تي ٽرمينل تي هڪ وڌيڪ حملي جي بہ رپورٽ آئي. حوثين انهن حملن جي ذميواري قبول ڪرڻ جون دعوائون ڪيون.

رياض ايئرپورٽ تي لڳاتار حملن سعودي عرب جي هوائي سلامتيءَ بابت سوال پيدا ڪيا آهن. سعودي عرب عالمي هوائي آمدرفت، واپار ۽ سيڙپڪاريءَ لاءِ محفوظ مرڪز طور پنهنجي ساک قائم ڪرڻ چاهي ٿو پر راڄڌانيءَ جي ايئرپورٽ تي اهڙا حملا ان ساک کي نقصان پهچائي رهيا آهن. اڏامن جي بندش ۽ معطليءَ سان مسافرن، ايئرلائنن ۽ واپاري سرگرمين کي بہ نقصان ٿئي ٿو.

سعودي عرب جي توانائيءَ واري اداري آرامڪو جي ظهران واري مرڪزي آفيس تي ميزائل حملي ۾ عمارت جي مٿين ٽن منزلن کي نقصان

قطر جي صورتحال بہ اهم آهي. ملڪ جو راس لفان وارو مرڪز مائع قدرتي گئس (ايل اين جي) جي برآمد لاءِ اهم حيثيت رکي ٿو. قطري امير شيخ تميم بن حمد آل ثاني 13 آڪٽوبر تي شوريٰ ڪائونسل کي خطاب ڪندي ٻڌايو تہ 2026ع جي پهرين ڇهن مهينن ۾ حڪومتي آمدنيءَ ۾ 42 سيڪڙو گهٽتائي آئي. قطر جي توانائيءَ واري شعبي ۾ پيش آيل رنڊڪن جو اثر انهن ملڪن تي بہ پئجي سگهي ٿو. جيڪي پنهنجي بجلي ۽ صنعت لاءِ قطري گئس خريد ڪن ٿا. فراهمي گهٽجي تہ خريدارن کي متبادل ذريعا ڳولڻا پون ٿا. جنهن سان عالمي منڊيءَ ۾ مقابلو ۽ قيمتن تي دٻاءُ وڌي سگهي ٿو.

مصر جي صدر عبدالفتاح السيسي بہ علائقائي جنگ جي معاشي نتيجن بابت خبردار ڪيو آهي. سنڌس چوڻ موجب، هرمز جي سامونڊي لنگهہ ۾ رنڊڪ عالمي تيل جي رسد ۽ اگهن کي متاثر ڪري سگهي ٿي. جڏهن تہ علائقائي ڇڪتاڻ مصر جي سوئيز ڪئنال مان ٿيندڙ آمدنيءَ لاءِ بہ خطرو آهي. السيسي سيپٽمبر 2026ع ۾ ٻڌايو تہ علائقائي بدامني سبب سوئيز ڪئنال جي آمدنيءَ ۾ لڳ ڀڳ 20 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو آهي. مصر ۽ قطر جا مثال ظاهر ڪن ٿا تہ جنگ جي معاشي قيمت رڳو ميزائلن جي نشانو هيٺ آيل ملڪن تائين محدود ناهي. سامونڊي واپار، توانائيءَ جي رسد ۽ قومي آمدنيءَ تي پاڙيندڙ ملڪ بہ ان جي قيمت ڀرين ٿا.

يورپ بہ توانائيءَ جي هن بحران کان الڳ نٿو رهي سگهي. روس ۽ يوڪرين جي جنگ کان پوءِ يورپي ملڪن کي توانائيءَ جي فراهميءَ جا ذريعا بدلائڻا پيا.

جنگ جو سياسي پاسو بہ پنهنجي جاءِ تي اهم آهي. اسرائيل ۾ 27 آڪٽوبر ۽ آمريڪا ۾ 3 نومبر تي چونڊون ٿي رهيون آهن. نيتن ياهو جي ڪوشش آهي تہ ان موقعي تي ايران خلاف سخت فوجي ڪارروائي ٿيڻ گهرجي تہ جيئن هن کي سياسي فائدو ڏئي سگهي. جڏهن تہ ٽرمپ لاءِ تيل جي اگهن ۾ واڌ ۽ جنگ جي خرچن جو سوال آمريڪي ووٽرن جي راءِ تي اثرانداز ٿيڻ جون رپورٽون اينديون رهيون آهن. آمريڪا ان موقعي تي ايران جي ايٽمي مرڪزن تي بمن جي ماءُ نالي خطرناڪ بم ۽ وڌيڪ فوجي جهاز علائقي ۾ منتقل ڪرڻ شروع ڪيا آهن. ايران خلاف ڪنهن وڏي ڪارروائي جي امڪان کي رد ڪرڻ ڏکيو آهي.

ايران ۽ آمريڪا جي جنگ جو هڪ اهم پاسو اهو بہ آهي تہ تڪرار جو دٻاءُ هاڻي خليج فارس کان ٻاهر سعودي عرب ۽ ڳاڙهي سمنڊ تائين پکڙجي ويو آهي. هرمز جي لنگهہ ۾ رڪاوٽن کان پوءِ باب المندب جي ويجهو حوثين جي اڳڀرائي ايران لاءِ دٻاءُ وجهڻ جو هڪ ٻيو وسيلو بڻجي سگهي ٿي.

سعودي عرب جي تيل

جي روانگي واپار، هوائي آمدرفت ۽ سيڙپڪاريءَ کي خطرو هجي تہ واشنگٽن جي علائقائي حڪمت عمليءَ تي بہ دٻاءُ وڌي ٿو. پر حوثين جي هر ڪارروائيءَ کي رڳو ايران جي حڪم جو نتيجو سمجهڻ درست نہ ٿيندو. يمن ۾ سندن پنهنجن سياسي ۽ فوجي مقصدن جو بہ ڪردار آهي.

باب المندب جي ڀرپاسي علائقن تي قبضي جي ويڙهہ ان ڪري وڌيڪ اهم ٿي وئي آهي. جو هتي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ سان عالمي جهازن جي آمدرفت ۽ سعودي عرب جي ڳاڙهي سمنڊ وارن بندرگاهن کي خطرو پهچائي سگهجي ٿو. سعودي عرب جي حمايت يافتہ فوجن جي جوابي ڪارروائيءَ مان بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ هيءَ ويڙهہ رڳو حملن ۽ جوابي حملن تائين محدود ناهي، پر سامونڊي لنگهن ۽ زميني پوزيشنن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جي ڪوشش بہ آهي. تنهن هوندي بہ ڪنهن علائقي تي قبضو ٿيڻ يا وري هٿن مان نڪري وڃڻ کي جنگ جو آخري نتيجو نٿو چئي سگهجي. محاذن جي صورتحال بدلجي رهي آهي.

ان سڄي صورتحال ۾ ايران، آمريڪا، اسرائيل، سعودي عرب ۽ حوثين جا مقصد هڪجهڙا ناهن. جيتوڻيڪ سندن مفاد هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿا. ايران آمريڪي دٻاءُ جي قيمت وڌائڻ چاهي ٿو تہ حوثي يمن ۾ پنهنجي اقتدار ۽ مطالبن کي مضبوط ڪرڻ چاهين ٿا. جڏهن تہ سعودي عرب پنهنجي سلامتيءَ سان گڏ تيل جي رسد ۽ معاشي منصوبن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. آمريڪا لاءِ بہ سوال اهو آهي تہ ايران تي دٻاءُ برقرار رکندي پنهنجي علائقائي اتحادين کي حملن کان ڪيئن بچائي.

جنگ جا بدلجندڙ پاسا هاڻي وڌيڪ واضح آهن: هڪ پاسي ايران ۽ آمريڪا جو سڌو تڪرار آهي، ٻئي پاسي يمن ۾ علائقن ۽ سامونڊي رستن تي ويڙهہ ۽ ٽئين پاسي تيل، گئس ۽ عالمي واپار تي ان جا اثر. جيڪڏهن هرمز ۽ باب المندب ٻنهي ۾ عدم تحفظ برقرار رهي ٿو تہ نقصان رڳو جنگ ڪندڙ ڌرين تائين محدود نہ رهندو. توانائيءَ جا اگهہ، مال برداريءَ جا خرچ ۽ درآمدي ملڪن ۾ مهانگائي ان جا وڏا نتيجا ٿي سگهن ٿا. جنگ ۾ ڪير ڪيترو علائقو هٿ ڪري ٿو، اهو هڪ سوال آهي، پر ان جي نتيجي ۾ ڪير ڪيترو معاشي نقصان ڀوڳي ٿو، اهو ان کان بہ وڏو سوال آهي.

مامروهڪ تاريخي مسجد جي بحاليءَ جو

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي

ويهين صديءَ ۾ سنڌ انگنين تبديلين مان گذري رهي هئي. انهيءَ ئي عرصي ۾ انگريز سرڪار سکر بئراج جهڙي عظيم رٿا جي شروعات ڪئي. اها رٿا سنڌ ۾ زرعي ترقي، خوشحالي ۽ آبپاشيءَ جي نظام جي بهتريءَ لاءِ هئي. بئراج جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي واهن ۽ ڪئنالن جي کوٽائي شروع ٿي تہ جيئن پاڻي سنڌ جي ڏورانهن علائقن تائين پهچائي سگهجي. لکين ايڪڙ زمين پوکي رائيءَ لائق ٿي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي زرعي منظرنامي ۾ هڪ وڏي تبديلي اچي وئي. پر هر ترقيءَ جي هڪ قيمت هوندي آهي. انهن ڪئنالن جي رستي ۾ ڪيترين ئي تاريخي مسجدون اچي ويون. جيڪي صدين پراڻيون هيون ۽ جن سان ماڻهن جو روحاني ڳانڍاپو نسلن کان هلندو پئي آيو. ڪئنالن جي رٿابنديءَ پٽاندڙ انهن مسجدن کي ڊاهي، اتان پاڻي وهائڻو هو. اهو رڳو عمارتن جو مسئلو ڪونہ هو. اهو تاريخ جي مٽجي وڃڻ جو خطرو هو. اهو تهذيبي حافظي کي هاڃو رسائڻ جو معاملو هو. انهن ئي خطرن جي وچ ۾ 'مسجدن جي بچاءُ' واري تحريڪ

سختي بہ هو مسجدن کي رڳو عبادت جو هنڌ ڪونہ سمجهندو هو پر انهن کي تهذيب، ايمان، تاريخ ۽ اجتماعي شعور جي علامت تصور ڪندو هو. جڏهن سکر بئراج ۽ ڪئنالن جي وچ ۾ کوٽائيءَ دوران ڪيترين ئي تاريخي مسجدون خطري ۾ آيون تہ هن جي جدوجهد سبب تڏهوڪي گورنر سر غلام حسين هدايت الله نوٽيفڪيشن جاري ڪري اعلان ڪيو تہ انهن مسجدن کي شهيد ڪرڻ بدران انهن جي هيٺان پاڻي وهائيو ويندو. اهو رڳو هڪ سرڪاري حڪم نامو ڪونہ هو. اها عوامي مزاحمت جي سوڀ ۽ روحانيت جي ڪاميابي هئي. اهو سنڌ جي تهذيبي پختگيءَ جو اعلان هو.

تاج محمود امروٽيءَ جي هڪ مسجد امروٽ شريف کان سڌ پنڌ تي موجود هئي. جنهن کي انگريز سرڪار ان نوٽيفڪيشن پٽاندڙ محفوظ رکڻ جو فيصلو ڪيو. اها مسجد کيرٿر ڪئنال جي پاٽيءَ مٿان اڄ بہ پنهنجي روحاني وقار سان موجود آهي. انهن مسجدن مان هڪ 'ڪلواڙي ميربحر مسجد' بہ هئي. جنهن کي انگريز حڪومت محفوظ ڪري ورتو هو پر وقت گذرڻ سان گڏ پاڻي، موسمي اثر، بي ڌياني، سرڪاري غفلت سبب اها تاريخي مسجد هوريان هوريان ڪمزور ٿيندي رهي ۽ نيٺ ان جي عمارت ختم ٿي وئي. پر ان جا بنياد اڄ بہ رائيس ڪئنال ۾ موجود آهن. اهي بنياد اڄ بہ گواهي ڏين ٿا تہ هتي ڪڏهن مسجد هوندي هئي. هتي ڪڏهن ٻانگ گونجندي هئي ۽ هتي ڪڏهن ماڻهو عبادت لاءِ ايندا هئا. وقت گذرندو رهيو پر ڪي ماڻهو اهڙا بہ هئا. جن ان مسجد کي ڪونہ وساريو. ايم آر ڊي تحريڪ جي اڳواڻ ۽ نالي واري ديني عالم مولانا سيد محمد شاهہ امروٽيءَ ان مسئلي کي ٻيهر اٿاريو. هن سنڌ جي تڏهوڪي وڏي وزير سان ملاقاتون ڪري تاريخي مسجدن جي بحاليءَ جي ڳُڻ ڪئي. ڪيس پڪ ڏني وئي تہ متاثر ٿيل

ڪوششون جاري رکيون. لاڳاپيل آفيسرن کي درخواستون ڏنيون ويون. ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور کي خط لکيا ويا. لاڳاپيل عملدارن سان ملاقاتون ڪيون ويون. پر سرڪاري فائلَ اڪثر خاموش رهندا آهن. هڪ دفتر کان ٻئي دفتر تائين، هڪ ميز کان ٻي ميز تائين ۽ هڪ صحيءَ کان اڳلي منظوريءَ تائين. تاريخ اڪثر اوسيڙي ۾ رهندي آهي. بہ ايائي سال اڳ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور هن معاملي تي ڌيان ڏيندي اسسٽنٽ ڪمشنر ڳڙهي ياسين کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪيو. 30 اپريل 2024ع تي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايريگيشن سکر کي خط لکيو ويو، جنهن ۾ مسجد جي بحاليءَ جي سفارش ڪئي وئي هئي. پر ڪا عملي اڳڀرائي نہ ٿي سگهي آهي. جڏهن حڪومتون خاموش ٿي وينديون آهن تہ پوءِ عوام ڳالهائڻ لڳندو آهي. انهيءَ احساس هيٺ مسجد جي بحاليءَ لاءِ عوامي مهم شروع ڪئي وئي.

رائيس ڪئنال ۾ موجود مسجد جي بنيادن پر سان ڪيترائي وڏا ميڙاڪا ڪوٺايا ويا. اڄ بہ ماڻهو اتي گڏ ٿي اهو سوال اٿاريندا آهن تہ جيڪڏهن هڪ انگريز حڪومت مسجد کي بچائي سگهي ٿي تہ پوءِ اڄ جي آزاد حڪومت ڇو نہ؟

اهو سوال رڳو هڪ مسجد جو ڪونهي. اهو سوال اسان جي گڏيل ترجيحن جو آهي. اهو سوال تهذيبي شعور جو آهي. اهو سوال تاريخي ورثي جي احترام جو آهي. هن سموري تحريڪ جي سرواڻي سعيد امروٽي ڪري رهيو آهي. سرڪاري ادارن سان لکپڙهہ، لاڳاپيل عملدارن سان رابطا، ضلعي انتظاميا سان ملاقاتون، قانوني ۽ سماجي سطح تي آواز اٿارڻ ۽ عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ سنڌس لاڳيتي جدوجهد جو حصو آهن. اڄ ڪلواڙي ميربحر مسجد، مسجدن جي بچاءُ واري تحريڪ جي هڪ اٽپوري ايجنڊا بڻجي چڪي آهي. ان ڪري حڪومت، آبپاشي کاتي ۽ ثقافت کاتي جي گڏيل ذميواري آهي تہ هن مسجد جي مڪمل بحاليءَ جي رٿا جوڙي وڃي، ان کي قومي ورثو قرار ڏنو وڃي ۽ اتي هڪ ڄاڻ مرڪز قائم ڪيو

سُجاڳ حاصل ڪري سگهي. جيڪڏهن اها مسجد بحال ٿي وڃي ٿي تہ پوءِ اها رڳو هڪ عمارت جي نہ هوندي پر اها سنڌ جي روحاني تاريخ جي بحالي هوندي. تاريخ رڳو ڪتابن ۾ ئي محفوظ ناهي رهندي. اها ديوارن ۾ ساهہ کڻندي آهي. اها مسجدن جي منارن ۽ محرابن مان ڳالهائيندي آهي. اها واهن ۽ ڪئنالن جي پاڻيءَ سان گڏ وهندي آهي ۽ اها انهن بنيادن ۾ جيئري رهندي آهي. جن کي وقت مڪمل طور ڊاهي نٿو سگهندو.

ڪلواڙي ميربحر مسجد جا ٻڏل پُريل بنياد اڄ بہ هڪ سوال بڻجي بيٺا آهن: ڇا اسان پنهنجي تاريخ بچائي سگهنداسين؟ ڇا اسان پنهنجي روحاني ورثي جي حفاظت ڪري سگهنداسين؟ ڇا اسان مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي جدوجهد کي مڪمل ڪري سگهنداسين؟ اهو سوال رڳو وقت جي سرڪار کان ناهي، اهو سوال اسان سڀني کان آهي. مسجدن جي بچاءَ واري تحريڪ جي تاريخ اصل ۾ مزاحمت، روحانيت، عوامي شعور ۽ تهذيبي بقا جي تاريخ آهي. جيڪا اسان کي ٻڌائي ٿي تہ قومون رڳو روڊن، رستن، عمارتن، پلين ۽ ڪئنالن سان جيئريون ناهن رهنديون، پر اهي پنهنجي يادداشت، پنهنجي ورثي ۽ پنهنجي روحاني سجاڳي سان زنده رهنديون آهن.

مولانا تاج محمود امروٽيءَ انگريز سرڪار ۾ تاريخي مسجدن جي بچاءَ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪئي، تنهن جو هڪ روشن مثال امروٽ شريف جي پاٽيءَ واري مسجد آهي جيڪا اڄ بہ ان جدوجهد جي ڪاميابيءَ جي گواهي ڏئي ٿي. ان جي ڀيٽ ۾ ڪلواڙي ميربحر مسجد جا ٻڏل بنياد اڄ بہ اسان جي بي ڌيانيءَ ۽ اڻپوري ڪوشش جو داستان ٻڌائين ٿا. هاڻي سوال اهو آهي تہ ڇا حڪومت هن تاريخي ورثي کي بچائي، مولانا امروٽيءَ جي جدوجهد کي ان جي منطقي انجام تائين پهچائيندي؟

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
آچر 18 آڪٽوبر 2026ع

ملڪ جو قيمتي سرمايو پرڏيهه ڇو پيو وڃي؟

ملڪ مان اعليٰ تعليم يافته نوجوانن ۽ مختلف شعبن جي ماهرن جو روزگار لاءِ پرڏيهه وڃڻ هڪ اهڙو اهم مسئلو بڻجي چڪو آهي جنهن تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ عملي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. قومي اسيمبليءَ ۾ سمنڊ پار پاڪستانين واري وفاقي وزير پاران پيش ڪيل انگ اکر ملڪ جي معاشي حالتن، روزگار جي موقعن ۽ نوجوانن جي مستقبل بابت ڪيترائي سوال اٿارين ٿا. قومي اسيمبليءَ ۾ وفاقي وزير جي پيش ڪيل رپورٽ مطابق گذريل 3 سالن دوران 18 لک 71 هزار کان وڌيڪ پاڪستاني روزگار لاءِ ملڪ ڇڏي پرڏيهه هليا ويا آهن. جن ۾ ڊاڪٽر، انجنيئر، آءِ ٽي ماهر، استاد، نرسون، مينيجر، اڪائونٽنٽ ۽ ٻين شعبن جا اعليٰ تعليم يافته ماڻهو شامل آهن. ڏٺو وڃي ته اها صورتحال رڳو ماڻهن جي ملڪ ڇڏڻ جو مامرو ناهي پر ملڪي انساني وسيلن، تعليمي سرمايي ۽ مستقبل جي ترقيءَ سان لاڳاپيل هڪ اهم قومي چئلينج آهي. ڪنهن به ملڪ جي ترقيءَ ۾ نوجوانن جو ڪردار بنيادي اهميت رکي ٿو. جي نوجوان پنهنجي محنت، قابليت، علم ۽ تخليقي صلاحيتن ذريعي نه رڳو پنهنجي خاندان جي معاشي حالت بهتر بڻائين ٿا، پر ملڪي صنعت، زراعت، صحت، تعليم، واپار ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ ۾ پنهنجي محنت جو اهم حصو وجهن ٿا. پر افسوس جي ڳالهه آهي ته جڏهن اهي ئي نوجوان پنهنجي ملڪ ۾ مناسب روزگار، بهتر پگهار، ميرٽ تي موقعا ۽ محفوظ مستقبل جون اميدون پوريون ٿينديون نٿا ڏسن ته اهڙي صورتحال ۾ هنن وٽ پرڏيهه وڃڻ جو فيصلو ڪرڻو پوي ٿو. پرڏيهه وڃڻ غلط يا ملڪ لاءِ نقصانڪار عمل ناهي، ڇو ته دنيا جا ڪيترائي ملڪ پنهنجي معيشت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ٻاهرين ماهرن ۽ تربيت يافته ماڻهن کان خدمتون حاصل ڪندا رهن ٿا. اهڙي طرح پاڪستاني نوجوان به پرڏيهه ۾ پنهنجي قابليت سان روزگار حاصل ڪري پنهنجي خاندانن کي مالي مدد فراهم ڪن ٿا ۽ ملڪ ڏانهن پرڏيهي ناڻو موڪلين ٿا. ان سان گڏ هو عالمي سطح تي پاڪستان جي سڃاڻپ جو ذريعو به بڻجن ٿا. اصل مسئلو تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن وڏي انگ ۾ ماهر ماڻهو ملڪ ڇڏي وڃن ۽ پاڪستان ۾ سندن کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ مناسب منصوبابندي نه ڪئي وڃي. اهڙي صورتحال ملڪي ترقيءَ جي رفتار، ادارن جي ڪارڪردگيءَ ۽ عوام کي ملندڙ سهولتن تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي. هن مسئلي جو هڪ اهم سبب روزگار جي موقعن ۽ مارڪيٽ جي ضرورتن وچ ۾ فرق پڻ ٿي سگهي ٿو. اها حقيقت آهي ته هتان جي يونيورسٽين مان هر سال هزارين نوجوان ڊگريون حاصل ڪري نڪرن ٿا پر ڪيترن کي سندن تعليم مطابق نوڪريون نٿيون ملن. بلڪ ڪيترائي نوجوان عملي مهارتن، فني تربيت ۽ ڪم جي تجربي جي کوٽ سبب روزگار حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪن ٿا. تنهنڪري تعليمي نظام کي ملڪ جي معاشي ضرورتن سان ڳنڍڻ ضروري آهي.

ان سان گڏ ملڪ ۾ ميرٽ جي بالادستي قائم ڪرڻ به بنيادي اهميت رکي ٿي. جيڪڏهن قابل نوجوانن کي سندن صلاحيتن بدران سفارش ۽ ذاتي لاڳاپن جي بنياد تي نظرانداز ڪيو وڃي ته انهن ۾ مايوسي پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾ ڀرتين جو عمل شفاف بڻائڻ، واضح معيار مقرر ڪرڻ ۽ ڪرپشن کي روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن. اسان سمجهون ٿا ته هاڻ اهو ضروري بڻجي ويو آهي ته انساني وسيلن کي قومي سرمايو سمجهي انهن جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ سنجيده حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي. ملڪ ڇڏڻ بابت پيش ڪيل انگ اکر حڪومت، تعليمي ادارن، صنعت ۽ سماج لاءِ هڪ اهم چتاءُ آهي. انهن کي رڳو بيروزگاريءَ جي انگن اکرن يا پرڏيهي روزگار جي خبر طور ڏسڻ بدران ملڪ جو مستقبل سمجهڻ گهرجي. معياري تعليم کي روزگار سان ڳنڍڻ، ميرٽ کي يقيني بڻائڻ ۽ معاشي موقعا وڌائڻ سان ئي هن چئلينج کي ترقيءَ جي موقعي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.

سعودي عرب تي حوثين جا حملا

شاهد نعيم

وچ اوڀر جي تاريخ مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته هن خطي ۾ ڊگهي عرصي تائين امن رڳو طاقت استعمال ڪرڻ سان قائم نٿو ڪري سگهجي پر ان لاءِ سياسي سمجهه، هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ، ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ ۽ ٽڪراءَ کي پرامن نموني ختم ڪرڻ ضروري آهي. سعودي عرب خطي ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ سفارتي ڪوششن، ڳالهين ۽ سياسي ٺاهه جي حمايت ڪئي آهي. ان پسمنظر ۾ سعودي عرب جي سرزمين تي حوثي مليشيا جا ميزائل ۽ ڊرون حملا رڳو هڪ ملڪ جي سلامتيءَ جو مسئلو نه آهن پر اهي عالمي قانون، خطي جي امن ۽ عام ماڻهن جي حفاظت سان لاڳاپيل هڪ سنگين معاملو آهن. گڏيل قومن جي چارٽر جي آرٽيڪل (4)2 موجب، ڪنهن به ملڪ کي اهو حق ناهي ته هو ٻئي ملڪ جي علائقي يا سياسي خودمختياريءَ خلاف طاقت استعمال ڪري يا اهڙي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي. ڪنهن ملڪ جي سرزمين تي غيرقانوني هٿياربند حملا خاص ڪري اهي حملا جن ۾ عام ماڻهن ۽ سندن استعمال هيٺ عمارتن ۽ ٻين سهولتن کي نشانو بڻايو وڃي، عالمي امن ۽ سلامتيءَ جي بنيادي اصولن جي خلاف آهن.

سعودي عرب تي حوثين جي ميزائل حملن جي معاملي ۾ اهم ڳالهه اها آهي ته سلامتي ڪائونسل به هن خطري کي نظرانداز نه ڪيو. 7 آگسٽ 2026ع واري بيان ۾ ڪائونسل جي ميمبرن سعودي عرب خلاف حوثين جي ميزائل حملن جي مذمت ڪئي. جڏهن ته 18 سيپٽمبر 2026ع واري بيان ۾ عام ماڻهن ۽ توانائي جي تنصيبات کي متاثر ڪندڙ حملن تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي انهن کي فوري طور بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو. سلامتي ڪائونسل عالمي انساني قانون ۽ لاڳاپيل ٺهراءُن تي عمل ڪرڻ تي به زور ڏنو. ان مان واضح ٿئي ٿو ته سعودي عرب جو موقف رڳو ٻن ڌرين جي سياسي اختلاف تائين محدود ناهي پر ان ۾ ملڪ جي خودمختياري، عام ماڻهن جي حفاظت ۽ عالمي قانونن تي عمل ڪرڻ جهڙا بنيادي اصول به شامل آهن. يمن جو بحران اوچتو پيدا نه ٿيو هو. عرب بهار ڪانپوءِ 2011ع ۾ شروع ٿيل سياسي تبديلين اقتدار جي منتقلي، اندروني اختلافن ۽ هٿياربند گروهن جي وڌندڙ طاقت ملڪ کي بدامني ۽ بي استحڪاميءَ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. 2014ع ۾ حوثين گاديءَ واري شهر صنعا تي قبضو ڪري ورتو، جنهن ڪانپوءِ يمن جو سياسي بحران هڪ وڏي علائقائي تڪرار ۾ تبديل ٿيڻ لڳو. 2015ع ۾ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل قرارداد 2216 منظور ڪئي جنهن ۾ يمن ۾ سياسي تبديليءَ جي عمل جي حمايت، ڪجهه مخصوص ماڻهن تي هٿيارن جي پابندي ۽ سياسي عمل کي ٻيهر بحال ڪرڻ لاءِ قدم شامل هئا. هن قرارداد يمن جي قانوني حڪومت ۽ بحران جي سياسي حل بابت عالمي ڍانچو طئي ڪيو. سعودي عرب جي سفارتي پاليسيءَ جو هڪ اهم پاسو اهو رهيو آهي ته يمن جي مسئلي جو حل ڳالهين، جنگبندي ۽ سيني ڌرين جي گڏيل سياسي ٺاهه ذريعي ڳوليو وڃي. يمن بابت گڏيل قومن جي خاص ايلچي فيبروري 2024ع ۾ سلامتي ڪائونسل کي ٻڌايو هو ته ڊسمبر 2023ع ۾ يمن جي ڌرين سڄي ملڪ ۾ جنگبندي ڪرڻ، عام ماڻهن جا حالتون بهتر ڪرڻ ۽ يمن جو سياسي عمل ٻيهر شروع ڪرڻ بابت واعدا ڪيا هئا. هن انهن ڪوششن ۾ سعودي عرب ۽ عمان جي ڪردار کي ساراهيو.

سيپٽمبر 2023ع ۾ به گڏيل قومن جي خاص ايلچي رياض ۾ سعودي عملدارن سان جنگبندي، سرڪاري ملازمن جي پگهارن جي ادائيگي ۽ گڏيل سياسي عمل کي ٻيهر شروع ڪرڻ بابت ڳالهيون ڪيون هيون. هتي هڪ بنيادي سوال پيدا ٿئي ٿو ته جڏهن ڳالهين ذريعي جنگبندي ۽ سياسي ٺاهه جا امڪان موجود هجن ته ميزائل ۽ ڊرون حملن ذريعي ڇڪتاڻ وڌائڻ ۾ ڪنهن جو فائدو آهي؟ ان جو سڀ کان وڏو نقصان عام يمني شهرين، سعودي شهرين ۽ سڄي خطي جي امن کي پهچي ٿو. سعودي عرب جي اهميت رڳو ان جي جاگرافيائي حيثيت يا معاشي طاقت تائين محدود ناهي. مڪي مڪرمه ۽ مديني منوره ۾ حرمين شريفين جي موجودگيءَ سبب هن سرزمين کي سڄي مسلم دنيا ۾ خاص مذهبي مقام حاصل آهي. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لکين ماڻهو حج ۽ عمري لاءِ سعودي عرب اچن ٿا. انهن جي سلامتي، عبادت جي آزادي ۽ محفوظ اچ وڃ جو تحفظ غيرمعمولي انساني ۽ مذهبي اهميت رکي ٿو. تنهن هوندي به هن معاملي تي ڳالهائيندي قانوني اصول واضح رهڻ گهرجن. حرمين شريفين جي حرمت ۽ اهميت پنهنجي جاءِ تي مڃيل آهي. جڏهن ته عام ماڻهن جي آبادي، شهري سهولتن ۽ عبادتگاهن جو تحفظ به عالمي انساني قانون تحت اهم آهي. ڪنهن به ڌر کي اهو حق ناهي ته اهڙن هنڌن ۽ انهن جي آس پاس رهندڙ عام ماڻهن جي سلامتيءَ کي خطري ۾ وجهي. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل 10 جنوري 2024ع تي قرارداد 2722 منظور ڪئي جنهن ۾ حوثين کان مطالبو ڪيو ويو ته اهي واپاري جهازن تي حملا فوري طور بند ڪن. ان سان گڏ عالمي قانون موجب سامونڊي جهازن جي تحفظ جي حق کي به تسليم ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح آگسٽ 2026ع ۾ سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن سعودي عرب تي ميزائل حملن ۽ واپاري جهازن کي نشانو بڻائڻ وارن واقعن جي مذمت ڪندي سامونڊي اچ وڃ جي حقن ۽ آزادين جي تحفظ تي زور ڏنو. هن صورتحال مان واضح ٿئي ٿو ته حوثين جي حملن جا اثر رڳو ڪنهن هڪ ملڪ تائين محدود نٿا رهن. انهن جا نتيجا عالمي واپار، سامونڊي سلامتي ۽ علائقائي سفارتڪاريءَ تائين پکڙجي سگهن ٿا. سعودي عرب ۽ يمن جي جاگرافيائي ويجهڙائي ۽ تاريخي لاڳاپن جي گهرج آهي ته يمن ۾ امن ۽ استحڪام کي سڄي خطي جي گڏيل ترجيح بڻايو وڃي. هڪ مستحڪم، خودمختيار ۽ متحد يمن نه رڳو يمن جي عوام ۾ سعودي عرب ۽ سيني خليجي ملڪن جي به فائدي ۾ آهي. ان مقصد لاءِ ضروري آهي ته يمن جون سيئي لاڳاپيل ڌريون سياسي عمل ۾ حصو وٺن، جنگبنديءَ تي عمل ڪن، انساني امداد جي پهچ کي يقيني بڻائين ۽ اهڙي ٺاهه ڏانهن وڌن، جيڪو ڪنهن ٻاهرين دٻاءَ يا هٿيارن جي طاقت بدران يمن جي عوام جي سياسي خواهشن جي نمائندگي ڪري. عالمي برادريءَ کي به سعودي عرب خلاف حملن ۽ عام شهرين کي پيش ايندڙ خطرن بابت واضح موقف اختيار ڪرڻ گهرجي. سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن تي عمل ڪرڻ جي حمايت ڪرڻ گهرجي ۽ يمن ۾ سياسي ٺاهه لاءِ گڏيل قومن جي ڪوششن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ گهرجي. ان سان گڏ هٿيارن جي غيرقانوني منتقلي کي روڪڻ، انساني امداد جي فراهمي بهتر بڻائڻ ۽ سيني ڌرين کي عالمي قانون جو پابند بڻائڻ به ضروري آهي. حوثين جي قيادت کي به سمجهڻ گهرجي ته ميزائل ۽ ڊرون حملن بدران سياسي ڳالهين کي ترجيح ڏئي ۽ يمن کي وڌيڪ تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي.

ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ورسيءَ جي مناسبت سان

ڪارساز سانحو، جمهوريت جي رت سان لکيل تاريخ ۽ وفا جو لازوال داستان

شرجيل انعام ميمڻ
سنڌ سماءُ ۽ ٽرانسپورٽ وارو صوبائي وزير

تاريخ جي سيني تي ڪي سانحا اهڙا نقش ڇڏي وڃن ٿا، جن کي وقت جي ڪا به هوا مٽائي نٿي سگهي، وقت ڪيترن ئي زخمن تي مٽي وجهي ڇڏيندو آهي، نسلون بدلجي وينديون آهن تخت ۽ تاج نون وارثن حوالي ٿي ويندا آهن، پر ڪي ڏينهن انسانن جي يادگيري تي ئي نه پر قومن جي اجتماعي ضمير تي به نقش ٿي ويندا آهن. 18 آڪٽوبر 2007ع به اسان جي قومي تاريخ جو اهڙو ئي هڪ ڏينهن آهي، هڪ اهڙو ڏينهن، جنهن جي صبح جمهوري اميدن جي روشنيءَ سان ڀريل هئي، جنهن جي شام عوامي محبت جي بي مثال اظهار سان ڀرپور هئي پر جنهن جي رات بارود جي بوءِ، رت جي سرخي، مائرن جي آهه، ڀينرن جي سڏڪن ۽ يتيم ٻارن جي ٻي وسي حوالي ٿي وئي.

ڪارساز سانحو صرف هڪ دهشتگرد حملي جو نالو ناهي پر اهو ان دور جي سياسي تاريخ جو هڪ رت سان ڀريل باب آهي، جنهن ۾ پاڪستان جي عوام جي جمهوري خواهشن کي خوف ۾ قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. اها انهن بيشمار انسانن جي قربانين جي داستان آهي، جيڪي پنهنجي اڳواڻ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي استقبال لاءِ گهرن مان نڪتا هئا. جن جي دلين ۾ اميد جا ڏيئا روشن هئا، جن جي نگاهن ۾ هڪ جمهوري، منصفاڻي ۽ باوقار پاڪستان جو خواب هو.

18 آڪٽوبر 2007ع تي جڏهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو، 8 سالن جي جلاوطني ختم ڪرڻ کان پوءِ وطن واپس پهتي هئي ته ڪراچيءَ جا روڊ عوامي محبت جي هڪ بي مثال منظر جي شاهد بڻجي ويا هئا. شهرجون بازارون، گهٽيون ۽ رستا، يعني هر طرف انسانن جو ڇوليون هڻندڙ سمنڊ نظر اچي رهيو هو. اهو رڳو هڪ سياسي اڳواڻ جي وطن واپسي نه هئي، بلڪ اها هڪ ڏکيي سياسي جدوجهد جي نئين باب جي شروعات هئي.

محترمه بينظير ڀٽو جو قافلو شاهراهِ فيصل کان ٿيندو، ڪارساز پهتو ته ٻن ڌماڪن فضا کي لوڏي ڇڏيو. ڪجهه لمحن ۾ جشنِ استقبال ماتم ۾ بدلجي ويو. خوشيءَ جا نعرا رڙين ۾ تبديل ٿي ويا ۽ اهو روڊ، جتي عوام پنهنجي اڳواڻ سان محبت جي اظهار لاءِ گڏ ٿي هئي، انساني رت سان رنگين ٿي ويو هو. مختلف تاريخي رپورٽن مطابق هن حملي ۾ لڳ ڀڳ 2 سئو ماڻهو شهيد ٿيا ۽ 5 سئو کان وڌيڪ زخمي ٿيا. هر انگ اکر جي پٺيان هڪ پوري زندگي هئي، هڪ گهر هو، هڪ خاندان هو، هڪ ماءُ جي دعا هئي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ لاءِ ڪارساز سانحي جي ياد اڄ ڪري به غير معمولي اهميت رکي ٿي جو اهو پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي بي مثال وابستگي، وفاداري ۽ سياسي استقامت جو استعارو بڻجي چڪو آهي. اڳتي هلي تاريخ اهڃاڻ هن سانحي جو هڪ ٻيو دردناڪ موڙ ڏيکاريو 27 ڊسمبر 2007ع تي راولپنڊيءَ جي لياقت باغ ۾ محترمه بينظير ڀٽو کي هڪ ٻئي حملي ۾ شهيد ڪيو ويو. ڪارساز کان لياقت باغ تائين جو اهو فاصلو رڳو جاگرافيائي نه هو.

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ سندن مڙس آصف علي زرداريءَ جو نعرو 'پاڪستان کپي' قومي سياسي تاريخ ۾ هڪ اهم علامت طور سامهون آيو.

اڄ بلاول ڀٽو زرداري ۽ پارٽيءَ جي نئين نسل سامهون اها تاريخي ذميواري موجود آهي ته هو پنهنجي سياسي ورثي کي رڳو يادگار تقريبن تائين محدود نه رکن، بلڪ انهيءَ کي مشعلِ راهه بڻائين.

ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو سڀ کان معتبر طريقو اهو آهي ته انهن جي ياد کي عوامي خدمت، آئيني حڪمراني، سماجي انصاف ۽ انساني وقار جي تحفظ سان وابسته ڪيو وڃي.

اڄ ته ڪارساز جي شهيدن جي ياد کي هڪ زنده وعدي ۾ تبديل ڪريون اهڙو وعدو، جنهن ۾ انساني جان جو احترام اولين اصول هجي، آئين جي بالادستي ناقابلِ سمجهوتو هجي، انصاف جي فراهمي رياستي ذميواري سمجهي وڃي. ڪارساز جي شهيدن کي اسان جو سلام!

تعليمي ڊگريون ۽ روزگار کان محروم نوجوان!

منظور ڪوسو

قومن جي ترقي، خوشحالي، شعور ۽ مهذب سماج جي اڏاوت جو بنياد تعليم آهي. جن قومن تعليم کي اوليت ڏني انهن سائنس، ٽيڪنالاجي، معيشت، سياست ۽ سماجي ترقيءَ جي ميدان ۾ دنيا جي اڳواڻي ڪئي. ان جي ابتڙ جن معاشرن تعليم کي نظرانداز ڪيو، اتي جهالت، غربت، انتهاپسندي، سماجي ناانصافي ۽ فڪري جمود پاڙون پختيون ڪيون. جتي لکين ٻار چائلڊ ليبر جو شڪار اسڪولن کان ٻاهر هجن، تعليمي ادارن ۾، تعليم جي نالي تي فقط وقت گذاري ڪئي وڃي، اتان جي هڪ وڏي خلقت اسان کي ڌاڙن، جيلن ۽ عدالتن ۾ نظر ايندي. جو ته اها تعليم ئي ته آهي جيڪا جهالت جا در بند ڪري ٿي، جيڪڏهن علم نه هوندو ته جهالت عام هوندي.

تعليم رڳو سکڻا ڪتاب رٽڻ، امتحان پاس ڪرڻ يا ڊگريون حاصل ڪرڻ جو نالو ناهي پر اها انسان جي سوچ کي وسعت، ذهن کي روشني، ڪردار کي پختگي ۽ زندگيءَ کي مقصد عطا ڪرڻ جو نالو آهي. تعليم انسان کي صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪرڻ، سوال اٿارڻ، دليل سان ڳالهائڻ ۽ پنهنجي حقن سان گڏ ذميوارين کي سمجهڻ جي صلاحيت ڏئي ٿي. ناميارو ليکڪ ۽ ڊرامه نويس اشفاق احمد ڏانهن منسوب لفظ آهن ته 'ڊگريون دراصل تعليمي خرچن جون رسيدون آهن، نه ته علم ته اهو آهي جيڪو عمل ۽ ڪردار ۾ ظاهر ٿئي.' جڏهن تعليم جي بنيادي مسئلن کي سمجهيو ويندو، ٻارن جي ذهانت، نفسيات ۽ سماج جي صورتحال کي آڏو رکي نصاب ترتيب ڏنا ويندا، طلب ۽ ضرورتن کي سمجهيو ويندو ته پوءِ ئي وڃي ڪجهه پڙهندڙ کي يا معاشري کي فائدو رسندو. نه ته اسين ڏسون ٿا ته ڪيترائي نوجوان گريجوئيٽ فائيل بغل ۾ دٻايو روزگار لاءِ دربدر ٿين ٿا پر جيڪڏهن مارڪيٽ جي طلب کي نظر ۾ رکي ان مطابق انهن کي تعليم ڏني وڃي ها ته هُو اڄ بيروزگار نه هجن ها. گيلپ سروي جي هڪ رپورٽ موجب ملڪ ۾ نوجوان گريجوئيٽس جن جي عمر 22 کان 24 سالن تائين آهي انهن ۾ بيروزگاري جي شرح 32.8 في سيڪڙو آهي. پاڪستان سافٽ ويئر هائوسز ائسوسيئشن جي هڪ رپورٽ موجب 2024ع ۾ HECطرفان منظور ٿيل آئي ٽي پروگرام ۾ گريجوئيٽ شاگردن جو تعداد 28091 آهي ۽ اندازو لڳايو پيو وڃي ته 2028ع ۾ اِهو تعداد 62000 تائين وڃي پهچندو پر حلت هيءَ آهي ته پنجن مان فقط هڪ اميدوار کي ان جي شعبي يعني آئي ٽي گريجوئيٽ مطابق روزگار ملي ٿو جڏهن ته ٻيا بيروزگار رهجي ٿا وڃن!

انهن انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته يونيورسٽيز جون سندون ته شاگردن وٽ آهن پر عملي مهارت ڪانه آهي. جڏهن ته ڊگريون عملي مهارت ڪانسواءِ اٿين ڪٿي ڄڻ ته فقط تعليمي خرچن جون رسيدون آهن. عالمي اداري جي هڪ رپورٽ موجب پاڪستان ۾ فقط 7 في سيڪڙو نوجوانن جي ووڪيشنل ۽ ٽيڪنيڪل ادارن تائين پهچ آهي، ٻيا ان کان محروم آهن پر جيتري قدر سنڌ ۾ ڏٺو ويو آهي ته ووڪيشنل ادارا فقط خانه پوري تائين محدود آهن، بوگس داخلائون ۽ امتحان ڊيڪاري مڙئي ادارا پيا هلائين، هن کان وڌيڪ ظلم ٻيو ڇا ٿيندو جديد دور ۾ جنهن شيءِ جي سخت ضرورت آهي اسان ان کي نظر انداز ڪري رهيا آهيون. ورلڊ بئنڪ ۽ ورلڊ اڪنامڪ فورم جهڙا ادارا وقتن بوقتن رپورٽون جاري ڪندا رهن ٿا. حڪومت خاص ڪري تعليم کاتو پاليسيز جوڙڻ وقت انهن تي به ڌيان ڏئي. ورلڊ بئنڪ جو اندازو آهي ته فني مهارتن جي کوٽ سبب پاڪستان کي هر سال 31.5 ارب ڊالرن جو نقصان ٿئي ٿو. جيڪو گهٽ پيداواري صلاحيت ۽ برآمدات جي ممڪن موقعن مان فائدو نه وٺڻ جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو.

15 کان 29 سالن جي عمر وارن نوجوانن مان لڳ ڀڳ هڪ ٽيون حصو NEETجي زمري ۾ اچي ٿو يعني اهڙا نوجوان نه تعليم حاصل ڪري رهيا آهن نه روزگار ۾ آهن ۽ نه ئي ڪنهن قسم جي تربيت وٺي رهيا آهن نوجوان عورتن ۾ اها شرح اڌ کان به وڌيڪ آهي. مسئلو اِهو ناهي ته ڪو ملڪ جا نوجوان محنت نٿا ڪن پر اصل مسئلو اِهو آهي ته نوجوانن جي صلاحيتن کي روزگار ۽ ترقيءَ جي موقعن سان ڳنڍڻ لاءِ گهربل بنيادي ڍانچو ئي ملڪ جي اڪثر حصن ۾ موجود نه آهي.

هن بنيادي ڍانچي ۾ هيٺيان عنصر شامل آهن:

* تجربيڪار ماڻهن جي رهنمائي ۽ تربيت جو منظم نظام.
* ڪيريئر جي چونڊ بابت صحيح صلاح ۽ رهنمائي.
* صنعتن ۽ ادارن سان رابطن ۽ عملي تجربو حاصل ڪرڻ جا موقعا.
* روزگار جي مارڪيٽ بابت شفاف، مستند ۽ حقيقتن تي ٻڌل معلومات.

پاڪستان ۾ نوجوانن جي بيروزگاريءَ جو مسئلو رڳو نوڪرين جي کوٽ تائين محدود ناهي پر فني تعليم، عملي مهارتن، صنعتن جي ضرورتن ۽ روزگار جي موقعن وچ ۾ رابطو نه هجڻ پڻ هڪ وڏو سبب آهي. جيڪڏهن نوجوانن کي جديد فني تربيت، عملي تجربو ۽ روزگار بابت صحيح رهنمائي ڏني وڃي ته اهي نه رڳو پنهنجي زندگي بهتر بڻائي سگهن ٿا پر ملڪ جي معيشت ۽ برآمدات ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. حڪومت کي انهن ڳالهين طرف خاص ڪري ووڪيشنل ايجوڪيشن سينٽرز طرف خاص ڌيان ڏيڻ کپي، ان سان بيروزگاري جي شرح گهٽ ٿيندي.

لڏپلاڻ بابت اندر جو اظهار

رياض احمد سومرو

(حصو پهريون)

اڄ فيس بڪ تي هڪ پوسٽ ذريعي هيءُ شعر پڙهڻ لاءِ مليو.
پڳا ڏار ڳيرا اڏاڻا، هليا ويا
پرين پيچ پائي پراڻا هليا ويا.

پوءِ برقي اوزارن ذريعي هنن سٽن جي شاعر جي ڳولها ڪيم ته معلوم ٿيو ته هنن سٽن جو شاعر نثار بزمي آهي، جنهن جو اصل نالو قلندر بخش هو، جنهن جو جنم 13 جون 1924ع تي ڳوٺ مرزاپور شڪارپور ۾ ٿيو. سندس دوست ڀڳوانداس ورهاڱي وقت سنڌ ڇڏي هندستان هليو ويو. دوست جي وڇوڙي جي درد ۾ هن هيءُ مشهور ڪلام لکيو. هن ڪلام جي پسمنظر ۾ سنڌ جي ورهاڱي جو درد ۽ هڪ پياري دوست کان جدائيءَ جو احساس سمايل آهي. تاريخ کي جڏهن رڳو سياسي نظر سان ڏٺو ويندو آهي، تڏهن ان ۾ ملڪ ٺهڻ ۽ ٽٽڻ حڪومتن جي قيام ۽ خاتمي، جنگين ۽ فتحن جا قصا ته نمايان نظر ايندا آهن پر انهن فيصلن ۾ جيئندڙ عام انسانن جي زندگي، سندن محبتن، دوستين، معاشي مجبورين ۽ وڇوڙن جا داستان اڪثر پسمنظر ۾ هليا ويندا آهن. سنڌ جي ورهاڱي کي سمجهڻ لاءِ به ضروري آهي ته اسين رڳو پاڪستان جي قيام يا هندن جي لڏپلاڻ کي هڪ سياسي واقعي طور نه ڏسون پر ان سماج جي اندرجهاتي پاسن، جتي مسلمان ۽ هندو صدين کان گڏ رهندا، هڪ ٻئي سان واپار ڪندا، ڏک سک ونڊيندا، دوستيون نڀائيندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي جا مخالف به ٿيندا رهيا هئا.

ننڍپڻ کان اسان ڪيترائي قصا ٻڌندا آيا آهيون ته ورهاڱي کان اڳ سنڌ جا مسلمان واڻين جا قرضي هوندا هئا، ڇاڪاڻ ته گهڻن مسلمانن وٽ جديد تعليم ۽ حساب ڪتاب جي ڄاڻ محدود هئي، جڏهن ته واڻين جي ڪيترن برادرين جو واپار، وياج، ڏيتي ليتي ۽ حساب ڪتاب ۾ مضبوط هٿ هوندو هو. ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن جي زندگيءَ ۾ واڻيو رڳو واپار ڪندڙ نه پر ڪيترن هنڌن تي قرض ڏيندڙ، دڪاندار، زمينن جي ڏيتي ليتيءَ جو حصو ۽ مقامي معيشت جو اهم ڪردار به هوندو هو. اهڙن لاڳاپن ۾ ڪڏهن ايمانداري ۽ سهڪار هوندو هو ته ڪڏهن قرض، وياج، اڻپڙهيل هجڻ ۽ معاشي اڻبرابريءَ مان پيدا ٿيندڙ استحصال به موجود هوندو هو.

مون کي ڪرونديءَ ۾ هڪ وڏيري انٽرويو ڏيندي چيو هو ته توهان کي خبر آهي ته پاڪستان جو قيام ڪيئن پيو؟ مون ڪيس چيو اوهان پنهنجو موقف ٻڌايو ته هن چيو دراصل مسلمانن جي اڪثريت واڻين جي مقروض هوندي هئي، تنهن ڪري هنن ورهاڱي جي تحريڪ جي حمايت ڪئي ته جي ورهاڱو ٿي ويندو ته هندو هتان هليا ويندا ۽ اسان جو قرض ختم ٿي ويندو ۽ جيڪي سگهارا زميندار هوندا هئا، انهن جو ارادو اهو به هو ته بعد ۾ سندن ملڪيتن تي قبضا ڪنداسين. سندس موقف کي مدِ نظر رکندي، جيڪڏهن وڌيڪ ڇنڊڇاڻ ڪبي ته ساڳئي وقت، جيڪڏهن ڪنهن هنڌ ماڻهن پنهنجي پاڙيسرين جي لڏپلاڻ کان پوءِ سندن ملڪيتن تي قبضو ڪيو يا انهن جي غيرموجودگيءَ مان فائدو ورتو، سندن گهر، دڪان ۽ زمينون پنهنجي قبضي ۾ آنديون ته اهڙي عمل کي رڳو ان دليل سان جائز نٿو بڻائي سگهجي ته اڳ اهي ماڻهو مسلمانن کان وياج وٺندا هئا. ڪنهن فرد جي معاشي روين جو حساب ان ئي فرد سان ٿيڻ گهرجي، پوري برادريءَ سان نه. ڪنهن واڻئي جي زيادتيءَ جو بدلو هر واڻئي کان وٺڻ انصاف ناهي، جيئن ڪنهن مسلمان جي سخاوت کي سيني مسلمانن جي اخلاقي برتريءَ جو ثبوت نٿو بڻائي سگهجي تاريخي انصاف جو پهريون اصول اهو آهي ته اسان فرد ۽ برادريءَ، ڏوهه ۽ سڃاڻپ، معاشي استحصال ۽ اجتماعي نفرت جي وچ ۾ فرق رکون.

اهو جملو ته "پنج ٻارهو اسي، پنج چوٽ ٿئي پنجاسي، ٿئي وڃجانءِ" اسان جي اجتماعي يادگيريءَ ۾ اڄ به موجود آهي اهو جملو حساب ڪتاب جي ڄاڻ ۽ اڻڄاڻائيءَ جي فرق سان گڏ قرض جي رشتي ۾ موجود ممڪن استحصال جي به علامت بڻجي ويو آهي پر ڇا هڪ اهڙي روايت جي بنياد تي پوري برادريءَ بابت فيصلو ڪري سگهجي ٿو؟ ڪنهن واڻئي ناجائز وياج ورتو هوندو، ڪنهن قرضدار جي مجبوريءَ مان فائدو ورتو هوندو ته ان عمل تي تنقيد ٿيڻ گهرجي پر ٻين واڻين ضرورت وقت ماڻهن جي مدد ڪئي هوندي، ڪنهن غريب شاگرد جي تعليم جو خرچ کنيو هوندو، ڪنهن مسافر کي پناهه ڏني هوندي يا ڪنهن دوست جي ڏک ۾ سندس ساٿ ڏنو هوندو ته انهن عملن کي به وسارڻ نه گهرجي تاريخي انصاف جو تقاضو آهي ته ڪنهن شخص جي عمل جو حساب ان ئي شخص سان ڪيو وڃي، سندس پوري برادريءَ کي ان جو ذميوار نه بڻايو وڃي. انهيءَ زميني حقيقت کي به وسارڻ نه گهرجي ته اڪثر ڪاروباري ماڻهن جا تعلق، رشتا، ناتا ۽ دوستيون بغير نفعي ۽ لالچ کان اڃيون نه هونديون آهن سنڌ جي ڪيترن ئي هندو واپارين وٽ دولت هئي ۽ انهن مان ڪن تعليمي ۽ فلاحي ادارن جي قيام ۾ به حصو ورتو ساڳئي وقت معاشي طاقت جي اڻبرابريءَ سبب ڪيترن غريب ماڻهن کي سخت حالتن کي منهن ڏيڻو پيو اهي ٻئي حقيقتون هڪ ئي سماج ۾ گڏ موجود ٿي سگهن ٿيون جيڪڏهن اسان رڳو واڻين جي سخاوت بيان ڪنداسين ته معاشي استحصال جو پاسو لڪي ويندو ۽ جيڪڏهن رڳو استحصال بيان ڪنداسين ته سندن علم، واپار، سماجي خدمتن ۽ انساني رشتن جو پاسو اوجهل ٿي ويندو ڪنهن به برادريءَ جي تاريخ کي سمجهڻ لاءِ ان جي مختلف طبقن علائقن ۽ فردن جي تجربن کي الڳ الڳ ڏسڻ ضروري آهي.

هڪ ٻيو سوال به اڀري ٿو ته جيڪڏهن انگريزن پنهنجي سامراجي مفادن ۽ واپار جي سهولت لاءِ ريلوي جو جار وڇايو هو ته پوءِ اسين اڄ تائين ريلوي جي افاديت کي ڇو مڃيون ٿا؟ ان جو سبب اهو آهي ته ڪنهن نظام جي شروعاتي مقصد ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ فائدن ۾ فرق ٿي سگهي ٿو ريلوي جو نظام سامراجي ضرورتن سان وابسته هو پر اڳتي هلي اهو ماڻهن جي سفر، واپار، روزگار ۽ رابطن جو وسيلو پڻ بڻيو ريلوي جي فائدن جو اعتراف ڪرڻ سان انگريزن جي معاشي استحصال جي ترديد نٿي ٿئي بلڪل ائين واڻين جي ڪنهن معاشي زيادتيءَ تي تنقيد ڪندي سندن سٺن ڪمن ۽ دوستين جو انڪار ڪرڻ ضروري ناهي. تاريخ کي سمجهڻ جو مطلب اهو ناهي ته اسين ڪنهن کي مڪمل فرشتو يا مڪمل شيطان بڻائي ڇڏيون پر ورهاڱي جي بحث ۾ معاشي لاڳاپن کان به وڌيڪ پيچيده سوال ڌرم، وطن ۽ ملڪيت وچ ۾ چونڊ ڪرڻ جو آهي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي وڏي هندو آباديءَ جو هندستان ڏانهن لڏڻ سنڌ جي سماجي ۽ معاشي زندگيءَ ۾ هڪ وڏي تبديلي هئي تاريخي تحقيق موجب 1947ع ۽ 1948ع دوران ڪراچيءَ ۾ جنوري 1948ع جي فسادن کان پوءِ سنڌ جي هندو آباديءَ ۾ خوف طاري ٿي پيو ۽ ڪيترن ئي خاندانن لڏپلاڻ ڪئي ساڳئي وقت ٿرپارڪر سميت ڪجهه ڳوٺاڻن علائقن ۾ هندو آباديءَ جا حصا رهندا به رهيا. ماڻهن جي لڏپلاڻ جا سبب هڪجهڙا نه هئا، عدم تحفظ، مستقبل جا خدشا، سياسي تبديلي، خاندانن جا فيصلا ۽ معاشي حالتون سڀ ان عمل ۾ شامل هئا. (هلندڙ)

اڄوڪو ڏينهن ..... 18 آڪٽوبر

نواز علي نياز جعفري

هن قادر الڪلام شاعر جو جنم 18 آڪٽوبر 1892ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. پاڻ اڃا معصوم ٻارڙو هو جو سندس والد محمد آچر سومري وفات ڪئي ان ڪري هن جي تربيت سندس مامي محمد ڀريل ۽ وڏي ڀاءُ غلام علي جعفريءَ جي هٿن ۾ ٿي لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۾ تعليم حاصل ڪيائين ۽ عملي زندگيءَ جي ابتدا اسڪول جي استاد طور ڪيائين اڳتي هلي اها نوڪري ڇڏي جيلر مقرر ٿيو پر ڪجهه عرصي کان پوءِ اها نوڪري به ڇڏي ڏنائين ۽ روينيو کاتي ۾ ملازمت شروع ڪيائين انهيءَ کاتي ۾ ترقي ڪري مختيارڪار مقرر ٿيو ۽ انهيءَ ئي عهدي تان رٽائر ٿيو هو پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ به شاعري ڪيائين هن جي شاعري ڪيتري ئي عرصي تائين سنڌي نصابي ڪتابن جو حصو رهي هن 12 نومبر 1959ع تي هيءُ جهان ڇڏيو هن جي شاعريءَ جو مجموعو "مداح محمدي" شايع ٿيل آهي

ڊاڪٽر سيد غلام مصطفيٰ شاهه



اڄ سنڌ جي عظيم دانشور، تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي جنم جو ڏينهن آهي هن مهان شخصيت جو جنم 18 آڪٽوبر 1918ع تي بلڙي شاهه ڪريم شهر ويجهو ڳوٺ قادر ڏني شاهه ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم سجاول مان حاصل ڪئي مئٽرڪ ۽ انٽرجا امتحان ترتيبوار سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين 1941ع ۾ علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين هن ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايل ايل بي جون سندون به حاصل ڪيون اڳتي هلي انگلينڊ جي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين سيد غلام مصطفيٰ شاهه پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪئي اڳتي هلي گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) ۾ پروفيسر مقرر ٿيو 1960ع ۾ هو تعليم کاتي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ بعد ۾ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو هن 1969ع کان 1973ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر طور ڪم ڪيو سندس ئي دور ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ملازمن جي رهائشي ڪالوني، شاگردن جون هاسٽلون، سنڌالاجيءَ جي موجوده عمارت، مرڪزي لائبريري، جامع مسجد ۽ ٻيون عمارتون جڙي راس ٿيون 1988ع وارين عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو ۽ 1988ع کان 1990ع تائين تعليم جو وفاقي وزير رهيو پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي بورڊ آف گورنرس جو سيڪريٽري پڻ رهيو رٽائر ٿيڻ کان پوءِ شاهه لطيف ڪلچرل سوسائٽيءَ جو بنياد وجهي سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي ڪيترين ئي ڪانفرنسون ۽ سيمينار منعقد ڪرايائين هن "سنڌ ڪوارٽرلي" نالي هڪ ٽماهي رسالو پڻ جاري ڪيو جنهن جو پاڻ ايڊيٽر رهيو شاهه صاحب جي لکيل ڪتابن ۾ "سير ۽ سفر"، "معاشرو ۽ تعليم"، "سنڌي معاشرو ۽ انجو مستقبل"، Decline of Education in Pakistan، Lessons of History ۽ "انگريزي سنڌي ڊڪشنري" شامل آهن هن ناميارو انسان 9 آڪٽوبر 1999ع تي وفات ڪئي

ڊاڪٽر تجمل عباسي

سنڌ جي هن مهان ڪهاڻيڪار ۽ برک اديب جو جنم 18 آڪٽوبر 1927ع تي نوشهري فيروز جي شهر خانواهڻ ۾ ٿيو هڪ ٻن حوالن ۾ سندس جنم جي تاريخ 18 بجاءِ 17 آڪٽوبر پڻ ڄاڻائي وئي آهي هن مئٽرڪ جو امتحان لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهه ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيو ان بعد ڊائو ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪري ڊاڪٽر بڻيو هن پهرين ڪهاڻي "همت ۽ ڪوشش" 1944ع ۾ لکي جيڪا 1949ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي هن 3 سئو 50 کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون ۽ سندس ڪتابن جو تعداد 30 کان به وڌيڪ آهي هن جي مشهور ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ "طوفان جي تمنا"، "ڀِٽ تي ليڪو"، "جيڪي منهنجي من ۾ آهي"، "ڪاچڪي"، "اَيلو سور سهي"، "رشتا ناتا"، "سورج هوندي مرجهايل"، "للڪار"، "پروفيسر"، "ڪارون هن ديواني جو"، ڪهاڻيءَ جو قافلو" ۽ "چيڀيل ڪهاڻين مان چونڊ" شامل آهن هن جيڪي ناول لکيا، تن ۾ "پيار ڪهاڻي"، "بلنديون" ۽ "تلاش" شامل آهن ان کان علاوه هن ڪيترين ئي ڪهاڻين ۽ ناول ڌارين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا هن عظيم ليکڪ جي حياتيءَ جو سفر 25 آڪٽوبر 1995ع تي پڄاڻيءَ تي پهتو

هدايت منگي

هن مشهور صحافيءَ، ليکڪ ۽ استاد جو جنم 18 آڪٽوبر 1946ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي مشهور ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ غلام رسول منگيءَ جي گهر ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪري سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو اڳتي هلي انٽر ٽرائنگ، اديب عالم سنڌي ۽ بي اي جا امتحان پاس ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي 1974ع ۾ اها نوڪري ڇڏي "روزاني هلال پاڪستان" ۾ سب ايڊيٽر مقرر ٿيو اڳتي هلي ساڳيءَ اخبار ۾ نيوز ايڊيٽر ۽ بيورو چيف طور ڪم ڪيائين انهيءَ نوڪريءَ دوران هن "هلال پاڪستان" اخبار ۾ بيشمار ڪالم ۽ مضمون لکيا 1989ع ۾ ڊائريڪٽوريٽ آف انفارميشن سکر پاران ڪيس ڊويزنل ايڪريڊيشن ڪاميٽي لاڙڪاڻي جو ميمبر چونڊيو ويو عمر جي آخري حصي ۾ "روزاني عوامي آواز" جو لاڙڪاڻي ۾ بيورو چيف رهيو هن ريڊيو پاڪستان ڪراچي حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي جي ڪيترن ئي پروگرامن ۾ ڪمپيئر طور ڪم ڪيو ايف ايم ريڊيو لاڙڪاڻي تي به اناؤنسر طور ڪم ڪيائين پاڻ سنڌي ادبي سنگت، لاڙڪاڻو هسٽاريڪل سوسائٽي ۽ عوامي ادبي انجمن ڪراچيءَ سان لاڳاپيل رهيو هن 22 ڊسمبر 1999ع تي وفات ڪئي

ڊاڪٽر حاتم ٽالپر

اڄ ڊاڪٽر حاتم ٽالپر جي سالگره جو ڏينهن آهي سنڌ جو هيءُ ٽيليويزن ليکڪ 18 آڪٽوبر 1948ع تي تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ مهر علي ٽالپر ۾ محب علي ٽالپر جي گهر ۾ خوشيون کڻي آيو 1974ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز) مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ مختلف اسپتالن ۾ ميڊيڪل آفيسر طور ڪم ڪيائين ۽ 2008ع ۾ رٽائر ٿيو ڊاڪٽر حاتم سنڌي ادبي دنيا ۾ به خاص سڃاڻپ رکي ٿو هن جا ٻه ڪتاب "محب سنڌ جا موتي" (فقير محب جو ڪلام) ۽ "منظوم محمدي" (محمد فقير کهوڙي جو ڪلام) ڏينهن جي روشني ڏسي چڪا آهن

مختيار آٽر

شمن شمس ڀرڙو

اڄ مشهور شاعر ۽ سگهڙ شمس ڀرڙي جي جنم جو ڏينهن آهي هو 18 آڪٽوبر 1962ع تي تعلقي ٽل ضلعي جيڪب آباد جي ڳوٺ محمد حيات ڀرڙي ۾ پيدا ٿيو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان سنڌي ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين شاعريءَ ۾ استاد بهار علي بهار ڀرڙو سندس استاد رهيو هن نثر نوڙي نظم ٺهڪي ۾ پاڻ ملهايو آهي هن پنهنجي استاد بهار علي بهار ڀرڙي جي شاعري "برسي بوند بهار" جي نالي سان ترتيب ڏئي ڇپائي پڌري ڪئي آهي هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ان بعد مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان ترتيبوار شهدادپور ۽ سانگهڙ مان پاس ڪيا

بخشڻ مهراڻوي

اڄ مشهور شاعر، ليکڪ ۽ ڪمپيئر بخشڻ مهراڻوي سالگره ملهائي رهيو آهي هن ٽيليويزن ساهتڪار جو جنم 18 آڪٽوبر 1964ع تي تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ جي ننڍڙي ڳوٺ شهيد فقير محمد رحيم مهر ۾ ٿيو هن جو اصل نالو محمد بخش مهر آهي پر ادبي دنيا ۾ بخشڻ مهراڻويءَ جي نالي سان مشهور آهي هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول جهول مان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان گريجوئيٽ ٿيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم اي جي سند به حاصل ڪئي هن جي ننڍي هوندي کان ئي ادبي سرگرمين سان دلچسپي رهي پاڻ ڪيترائي سال سنڌي ادبي سنگت سانگهڙ جو سيڪريٽري رهيو ۽ پنهنجي ڳوٺ سميت سانگهڙ جي مختلف علائقن ۾ ادبي ڪلچاڻيون ۽ مشاعرا منعقد ڪرايائين بخشڻ مهراڻوي هڪ مشهور شاعر هئڻ سان گڏ ريڊيو ۽ اسٽيج جو بهترين ڪمپيئر رهيو آهي هو ريڊيو پاڪستان ۽ مختلف ٽيليويزن چينلن جي بهترين ميزبان ۽ ڪمپيئر طور ڄاتل سڃاتل آهي سندس شاعريءَ جو مجموعو "التجا" 2011ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو بخشڻ مهراڻويءَ کي ڪيترن ئي اعزازن ۽ ايوارڊن سان نوازيو ويو آهي جن ۾ لطيف ايوارڊ، سچل ايوارڊ، قلندر شهباز ايوارڊ ۽ ٻيا اڪيچار ايوارڊ شامل آهن هن جي شاعري عابده پروين، سرمد سنڌي ۽ عاشق نظامانيءَ سميت سنڌ جي ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي آهي

وفا اسلم شيخ

لاڙڪاڻي سان واسطو رکندڙ هن ٽيليويزن ليکڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1974ع ۾ ٿيو هن ايم اي (سنڌي)، ايم اي (معاشيات) ۽ ايم ايس سي (ڪمپيوٽر سائنس) جون سندون حاصل ڪيون پاڻ موبائيل ڪميونيڪيشن جي مختلف ڪمپنين ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪندو رهيو آهي ادبي دنيا ۾ پاڻ هڪ ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ ڪالم نگار طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو سندس ڪتاب "جيون تنهنجي نانءُ" (ڪهاڻيون) ۽ "حد ناهي عشق" (ڪهاڻيون) ڏينهن جي روشني ڏسي چڪا آهن

رحيمداد جوڳي

هن پلوڙ شاعر جو جنم 18 آڪٽوبر 1975ع تي تعلقي ٺري ميرواهه ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ ڪنڊ جوڳيءَ ۾ ٿيو هن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم اي جي سند حاصل ڪئي ۽ عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي هن جي شاعريءَ جا چار ڪتاب ڇپجي چڪا آهن جن ۾ "رڻ ۾ رات ٿري"، "صحرا جي پاڪرين"، "ڪوتا تار تي ويٺل پنڇي" ۽ "ڪنڌيءَ جي پياس" شامل آهن ادبي دنيا ۾ هن جي وائي ۽ نثري نظمن کي پسند ڪيو ويو آهي

خانصاحب غلام علي جعفري

هن نامور شاعر جو جنم 1852ع ۾ شڪارپور ۾ محمد آچر جي گهر ۾ ٿيو هو مرحوم نواز علي نياز جعفريءَ جو وڏو ڀاءُ هو هو پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ اديب هو انگريزي، فارسي ۽ اردو ٻولين جو ماهر هو پاڻ هڪ قادرالڪلام شاعر پڻ هو هن ڪجهه عرصو روينيو کاتي ۾ مختيارڪار طور نوڪري ڪئي سندس علمي لياقتن کي مڃتا ڏيندي انگريز سرڪار کيس خانصاحب جو لقب ڏنو عمر جي آخري حصي ۾ روحانيت طرف اهڙو راغب ٿيو جو پنهنجي شاعريءَ جو سڄو ديوان درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏيائين هن 18 آڪٽوبر 1951ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

ايس گل

اڄ مشهور فلمساز ۽ اداڪار ايس گل جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي ايس گل جو اصل نالو سيد فضل علي شاهه چاموٽ هو ۽ هن جو جنم 24 جولاءِ 1927ع ۾ مٽياريءَ ۾ ٿيو هن کي استاد غلام حيدر ممبئيءَ جي فلمي دنيا ۾ متعارف ڪرايو هن فلم ٺمري ۾ ڪم ڪيو ان بعد ٻين به ڪجهه فلمن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريائين انهن فلمن ۾ نيا دور، فريبه، ريت ۽ آگ ڪا درياءُ شامل آهن هن پاڪستاني فلم عيد ۾ به مرڪزي ڪردار ادا ڪيو هن 1954ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ايس اسٽوڊيوز لميٽيڊ نالي سان هڪ فلمي ادارو قائم ڪري فلمون ٺاهڻ شروع ڪيون هن کي پاڪستان ۾ سنڌي فلمن جو پهريون ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر هئڻ جو اعزاز حاصل آهي هن جي هدايتڪار طور پهرين فلم حاضر سائين هئي ان کان علاوه هن جيڪي فلمون ٺاهيون، تن ۾ سهڻا سائين علي گوهر ۽ محب شيدي شامل آهن هن 18 آڪٽوبر 1999ع تي وفات ڪئي

الهجڙيو شاد



هن ادب دوست انسان جو جنم 18 جولاءِ 1945ع تي ميرپورخاص ضلعي جي شهر جهلٽي ۾ ٿيو هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ لوڪل گورنمينٽ واري شعبي ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو هو سنڌي ادبي سنگت جهلٽي شاخ جو سرگرم ڪارڪن هو ۽ نثر نوڙي نظم ۾ پنهنجو نالو پيدا ڪيائين تاريخ 18 آڪٽوبر 2023ع تي سنڌس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

بقايا 1 روزاني عبرت

ڊائريڪٽر ثناء آغاڻي،ڊي او پرائمري سيد عبدالغفار شاهه،اڪائونٽس آفيسر امداد علي انڙ،اسسٽنٽ ڊائريڪٽر زاهد حسين سومرو،ڊپٽي ڊي او عبدالنبي ملڪ،نور دين گجراڻي،غلام رباني چاچڙ سميت ٻيا آفيسر شريڪ ٿيا پروگرام ۾ ضلعي ڪشمور ڪنڌڪوٽ جي ٽنهي تعلقن جي ايليمينٽري اسڪولس هاءِ اسڪولس هائير سيڪنڊري اسڪولس جي هيڊماسٽرن ۽ انچارجن پڻ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن لاڙڪاڻا ▯ بخش سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته تعليم جي وزير سيد سردار شاهه ۽ سيڪريٽري تعليم جي هدايتن تي سنڌ جي اسڪولن ۾ سائنس جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ضلعي جي مختلف اسڪولن ۾ اسٽريم جرني جا پروگرام شروع ڪرائي رهيا آهيون ته جيئن ٻارن کي سائنس جي شعبي ۾ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ٿي سگهي اسٽريم پروگرام آڪٽوبر کان 15 نومبر تائين جاري رهندو هر اسڪول جو هيڊماسٽرڙ ۽ انچارج کي گهرجي ته پنهنجا پراجيڪٽ شروع ڪرائي ٻارن مٿان محنت ڪن ته جيئن اسان جو ٻار سائنس ٽيڪنالاجي آرٽس سميت ٻين شعبن ۾ پنهنجو نالو روشن ڪري سگهن اهڙن پروگرامن سان ٻارن ۾ اعتماد به بحال ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته مختلف اسڪولن ۾ اسٽريم پروگرام مڪمل ٿيڻ بعد هر اسڪول پنهنجا پراجيڪٽ پيش ڪندو ۽ سليڪٽ ٿي ايندڙ اسڪولن کي ڊويزن سطح تي آندو ويندو جنهن بعد ميگا تقريب ڪراچي ۾ منعقد ٿيندي جنهن ۾ وزير تعليم سيڪريٽري ۽ ٻاهرين ملڪن جا سفير به شريڪ ٿيندا.

بقايا 2 روزاني عبرت

۾ شرڪت لاءِ آيل ڳوٺ فيض محمد ڪولاچي جي رهواسي 10 ورهين جي معصوم ٽينگري عارف ڌيءَ عبدالستار ڪولاچي گولين لڳڻ سبب موقعي تي ئي فوت ٿي وئي واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ خوف واري صورتحال پيدا ٿي وئي فوت ٿيل ٽينگريءَ جو لاش ضروري ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقي اسپتال ميهڙ آندو ويو جتي پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ٻئي طرف فائرنگ ۾ بيگناهه ٽينگري جي قتل خلاف سندس وارثن ۽ ٻين احتجاج ڪندڙن انڊس هاءِ وي تي ڪولاچي پل وٽ لاش رکي ڌرڻو هنيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي ڌرڻي سبب ڪراچي ۽ حيدرآباد ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي جڏهن ته گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون جنهن ڪري مسافرن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته معصوم ٽينگريءَ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل ٿيڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري بابت ڪا تصديق ٿيل ڄاڻ سامهون نه اچي سگهي هئي.

بقايا 3 روزاني عبرت

خوف و هراس پکڙجي ويو واقعي بعد حد جي پوليس ۽ وارث مقتول جو لاش کڻائي سول اسپتال آندو جتي قانوني ضروري ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو لاش ڳوٺ ۾ گهر اندر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ڌريون سوڃا بند ٿي ويون ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ تڪرارن ۾ قتل عام کي پوليس روڪڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي جنهن ڪري بي خوف ٿي هٿيارن سان قتل عام جو سلسلو تيزي سان جاري آهي واقعي ۾ ملوث قاتل پوليس گرفتار نه ڪري سگهي نه واقعي جو ڪيس داخل ٿي سگهيو آهي.

بقايا 4 روزاني عبرت

پاڪستان جي اڳواڻن مرڪزي سيڪريٽري محمد مٺل سومرو سومرا اتحاد سنڌ جي صدر نذير سومرو جنرل سيڪريٽري حاجي عبدالستار سومرو، ضلعي حيدرآباد جي صدر نواب خان سومرو ضلعي سانگهڙ جي صدر محمد حنيف سومرو. تعلقي ٽنڊوآدم جي صدر آصف ديدار سومرو .الهڏنو اي ڊي سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ٽنڊوآدم پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ۽ بعد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اڳواڻن الزام هنيو ته اشرف سومرو کي جهيڙي بعد ڦورو ڄاڻائي ٻڌي کهاڙين ۽ لٺين سان تشدد ڪرڻ بعد ڪيس گولين هڻي قتل ڪيو ويو آهي هنن چيو ته جيڪڏهن نوجوان ڪنهن ڏوهه ۾ ملوث به هجي ها ته ڪيس قانون موجب گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ها، هنن پوليس جي ان موقف کي به رد ڪيو ته اشرف سومرو تي اڳ ئي 11 ڪيس داخل آهن ۽ هو پنهنجي ساٿيءَ جي فائرنگ ۾ مارجي ويو اڳواڻن دعوي ڪئي ته نوجوان کي پهرين تشدد جو نشانو بڻايو ويو ۽ پوءِ فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو. ٽنهنڪري واقعي جي حقيقتن کي سامهون آڻڻ لاءِ ضروري آهي ته ان جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. سومرا اتحاد جي اڳواڻن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي.

بقايا 5 روزاني عبرت

محمد مري، نياز محمد مري، جان محمد مري، جمعون مري، محمد حسن مري، نور محمد مري ۽ اسحاق مري سندن ذاتي زرعي زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جنهن سبب هو سخت پريشان آهن هنن وڌيڪ چيو ته سڄي علائقي جي ماڻهن کي خبر آهي ته هو گذريل 40 سالن کان ان هنڌ تي رهائش پذير آهن ۽ اتي سندن گهر پڻ ٺهيل آهن هو محنت مزدوري ۽ پنهنجو ڪاروبار ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي رهيا آهن ۽ ڪنهن به قسم جي جهيڙي فساد ۾ ملوث ناهن هنن موجب ديهه چاچرو ۾ واقع 8 ايڪڙ 26 گهنٽا زرعي زمين سندن ذاتي ملڪيت آهي جيڪا سندن مرحوم والد جمعون خان جي نالي تي آهي، جنهن جا اصل ڪاغذ پڻ وٽن موجود آهن ان باوجود سندن مٿان کين مبينا طور مسلسل تنگ ۽ پريشان ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙن ٻڌايو ته ان معاملي بابت سول ڪورٽ عمرڪوٽ ۾ ڪيس پڻ هلندڙ آهي، جنهن مان کين انصاف جي اميد آهي هنن دعوي ڪئي ته ڪمشنر ميرپورخاص، ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر پٿورو سميت پوليس اختيارين زمين جو دورو ڪيو آهي ۽ انتظاميا طرفان کين سهڪار پڻ ملي رهيو آهي.

بقايا 6 روزاني عبرت

لاش گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين ۾ روڄ راڙو ۽ ڪهرام مچي ويو ڪڪڙ شهر ۽ علائقي اندر ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي نوجوان جي لاش مٿان والدين اوڇنگارون ڏئي روئيندا رهيا ۽ قاتل جوابدارن کي پاڻون پاراتا ڏيندا رهيا هوڏانهن فوتي نوجوان جي جنازي نماز عيد گاهه ڪڪڙ ۾ ادا ڪرڻ ڪانپوءِ اباڻي قبرستان ۾ سندس تدفين ڪئي وئي جنازي نماز ۾ ضلع ڪائونسل ميمبر سردار ضياء الدين ساريو چيمبر آف ڪامرس جي مرڪزي اڳواڻ محمد اقبال چارڻ ماجد حسين جوڻيجو غلام الرسول ٻبر محمد بخش ملاح گل حسن نوڌاڻي، عبدالنبي ساريو ظهير احمد ٻبر شفيع محمد جنجهي ۽ ٻين شهرين، سياسي سماجي اڳواڻ وارث ڳوٺاڻن، صحافين سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن کي هزارين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويو ڪئي وئي، ياد رهي جوابدارن پاران 24 سالن جي نوجوان زين سمون کي ڪراچي جي علائقي اسٽيل ٽائون مان اغوا ڪيو هو جيڪو ڏينهن جوابدارن وٽ قيد هو وارثن کان 7 پنگ طلب ڪيو ويو هو ان ڪانپوءِ والد شمن سمون پنگ طلب ڪندڙن کي رقم ادا ڪئي ان باوجود نوجوان جو هٿ ڪٽي وارثن ڏي موڪليو ويو جنهن ڪانپوءِ ڪيس بيدردي سان قتل ڪرڻ ڪانپوءِ بوري ۾ بند ڪري لاش جنگ ۾ اڇلائي ويا پوليس طرفان سندس ويجهي عزيز فيصل سمون سميت ٻن ڄڻن کي حراست ۾ ورتو آهي هوڏانهن سندس گرفتار ٿيل جوابدار فيصل سمون ۽ ان جا پاڻ گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن هوڏانهن مقتول جو والد محمد خان عرف شمن سمون جو چوڻ آهي ته پٽ جي قتل ۾ گرفتار ٿيل جوابدار فيصل سمون سميت ٻيا جوابدار مقتول پٽ زين سمون جي ڪردار ڪشي ڪري سزا کان بچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پٽ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايي سون کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 7 روزاني عبرت

ڊاڪٽر قادر مگسي پنهنجي وفد سميت راڻي پور ۾ شاهاڻي هائوس تي پهچي رفات ڪري ريل اڳوڻي يوسي ڳنڌيجي جي چيئرمين پي پي اڳواڻ ضمير شاهاڻي جي پوئينر صحافي امير يار شهريار خان حيدر شاهاڻي ۽ ٻين سان ضمير شاهاڻي تي رچوڙي تي ڏک جو اظهار ڪندي تعزيت ڪرڻ بعد صحافين سان ڳالهائيندي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ صوبي جا خواب ڏسندڙ صرف خواب تائين ئي هوندو هن چيو ته دهشتگردي جي آڙ ۾ ڪنهن به صوبي اندر ايمرجنسي يا گورنر راڄ لڳائڻ ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي. حڪمران جماعتن کي گهرجي ته ڪي پي مان ايمرجنسي ختم ڪري اتي حڪومت قائم ڪئي وڃي، اڄ اتي سياڻي روڃ ڪنهن ٻئي صوبي ۾ هلندي هلنديءَ اڻين نه ٿئي جو وڃي پوري ملڪ ۾ ايمرجنسي لڳي ويندي. ان موقعي تي شوڪت ابڙو، جام عبدالفتاح سميجو،نثار ڪيريو، ڊاڪٽر ڪمار منگريو، محمد علي ابڙو، سعيد جتوئي، اصغر لغاري، محمود لغاري ۽ ٻيا گڏ هئا.

بقايا 8 روزاني عبرت

رڪشا ۾ ويٺل 12 پورهيت سخت زخمي ٿي پيا جن کي علائقي واسين جي مدد سان ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي پهچايو ويو پورهيتن ۾ ماجد ارسلان وحيد امان الله سجاد،افضل ڪوسو ضمير وسيم گل شير آصف ثناء الله ۽ دلشير شامل آهن جڏهن ته بن جٽي امان الله ۽ افضل ڪوسو جي حالت ڳڻت جوڳي هئڻ ڪري کين سول اسپتال حيدرآباد روانو ڪيو ويو آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

جي اڳواڻ ارباب انور دلاور خان سالڪاڻي، اڳوڻي ٽائون چيئرمين چاچڙو قمرالدين راهمون ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي. پيپلزپارٽي ڪامريڊ نندلال مالهي پڻ ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته عبدالرحيم ڪوسو پيپلزپارٽي جو اهم اثاثو هو سندس وفات تي وڏو صدمو رسيو آهي ٻي طرف ڳوٺ ڪبڙي ۾ سندس تڏو وڇايو ويو آهي جتي تعزيت جو سلسلو جاري آهي. ٻي طرف ننگرپارڪر شهر ۽ ڏانوڏاندل شهر سوڳ ۾ بند رهيا.

بقايا 10 روزاني عبرت

زراعت شروعاتي مرحلي ۾ ئي تباهه ٿي ويئي آبادگارن کي حڪومت ڪو به رليف نه ڏنو آبادگارن پنهنجي مدد پاڻ گهر جو مال وڪڻي همت ڪري ٽماٽو پوکيو جيڪو لهڻ شرط وفاقي حڪومت جي غلط پاليسين ٻاهران گهرائڻ سبب آبادگار تباهه ٿي ويا آهن لکين ٽن ٽماٽو ٻاهر موڪلي وڏو ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو پر عقل کان وانجهيل حڪمرانن سنڌ جي آبادگارن کي تباهي جي ڪنڌي تي پهچائي ڇڏيو آهي مرچ فٽي جا ريٽ به ڪکي ڏڙي آبادگار خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن

بقايا 11 روزاني عبرت

خزانچي امرسنگهه پيل پريس سيڪريٽري پورالال پيل رابطا سيڪريٽري آنند ميگهواڙ ميمبرن ۾ ڏامرو ڪولهي خليق هنگورجو خوشحال پيل جيرام داس پريو لال پويش ميگهواڙ هيرالال ميوارام چونڊيا ويا اجلاس ۾ تعليمي تنظيمي ڪم جي رٿابندي ڪئي وئي فيصلو ڪيو ويو ته يونٽ صطح تي اسٽيڊي سرڪل هلايا ويندا ۽ پهرين نومبر تي ضلعي ورڪر ڪنوينشن ۾ ميمبر نامزد ڪيا ويا، اجلاس کي خطاب ڪندي نئين چونڊيل آيل صدر دولت ميگهواڙ ڪرشن ميگهواڙ نجيب جروار پورالال پيل ڪيول راس امر سنگهه پيل آتم پيل پويش ميگهواڙ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ٿر ڏڪار جي ليپيٽ ۾ اچي ويو آهي روزانو هزارن جي تعداد ۾ مارئڙن ۽ چوپائي مال جي لڏپلاڻ جاري آهي سنڌ حڪومت ٿرڪول سميت معدني وسيلن جي رائلٽي ٿري عوام تي خرچ ڪرڻ جي بجاءِ ذاتي ٻڪ ڀرڻ ۾ پورا آهن هنن چيو ته ٿر کي هنگامي بنيادن تي ڏڪار سٽيل علائقو قرار ڏئي فورن رليف پيڪيج ڏنو وڃي ۽ معدني وسيلن جي فرلٽ بند ڪري عوام کي دربدر ٿيڻ کان بچايو وڃي، ٻي صورت ۾ سمورو ٿر سراپا احتجاج بڻبو

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪماري جي والد ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو آهي ته سندس ڌيءَ اسڪول مان واپس گهر اچي رهي هئي ته رستي ۾ اڇي رنگ جي ڪار ۾ سوار ماڻهن ڪيس مبينا طور اغوا ڪري ورتو فريادي موجب ڳوٺ ميگهواڙ اوڪو پٽ گلو ميگهواڙ ۽ شگي ڏال روشن ميگهواڙ سندس ڌيءَ کي زوريءَ اغوا ڪري پاڻ سان گڏ کڻي ويا، بودر فارم پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري ڇوڪريءَ جي بازيابي لاءِ ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي، پوليس جو چوڻ آهي ته ڇوڪريءَ کي جلد بازياب ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

بقايا 13 روزاني عبرت

لڳڻ سبب نياز احمد خشڪ زخمي ٿي پيو ۽ عورتن سميت ٻنهي ڌرين جا ست ماڻهون زخمي ٿي پيا اهڙي واقعي بعد فوري طور تي زخمين کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو منتقل ڪيو ويو جتي سهولتن جي اڻهوند سبب نياز احمد خشڪ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ خشڪ برادري جي ماڻهن اسپتال ٻاهران احتجاج ڪندي ايم ايس ڊي ايڇ ڪيو اسپتال تي الزام هنيو ته اسان کي بار بار داتهون ڪرڻ باوجود ايم ايس زخمي کي سکر اسپتال منتقل ڪرڻ لاءِ ايمبولينس نه ڏني جنهن سبب اسان جو نوجوان نياز احمد خشڪ تڙپي تڙپي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو آهي جيڪا ناانصافي آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي مقتول جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ٻئي پاسي اهڙي واقعي بعد ڪولاچي خشڪ برادري جي ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ برقرار آهي خودانهن خبر فائيل ٿيڻ تائين اهڙي واقعي جو ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 14 روزاني عبرت

تقريب کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف چيو ته ملڪ ۾ مهانگائي سبب غريب ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهن ۽ اٽو 180 رپيا ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي هن چيو ته پنهنجي ٽائون چيئرمين واري 3 سالن جي دور ۾ هڪ رپئي جي به ڪرپشن نه ٿيڻ ڏني چاڪاڻ ته نيت صاف هجي ته بغير ڪرپشن جي به ترقي ممڪن آهي هن وڌيڪ چيو ته جماعت اسلامي ۽ الخدمت فائونڊيشن جي پليٽ فارم تان ٿرپارڪر ۾ بلا رنگ و نسل تعليم صحت ۽ صاف پاڻيءَ جي مد ۾ اربين رپين جا فلاحي ڪم ڪيا ويا آهن هن ملڪ ۾ منشيات ۽ شراب جي عام ٿيڻ تي تشويش ظاهر ڪندي ان جي سخت مذمت ڪئي ۽ چيو ته ان سان نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي هن چيو ته هو ٿرپارڪر کي اسلام آباد جهڙو ترقي يافته ماڊل بڻائڻ چاهين ٿا، پر افسوس جو هتي اڃا تائين بار بڪ ۽ اڄ رڳهي مري رهيا آهن پيپلز پارٽي جي 15 سالن جي اقتدار تي تنقيد ڪندي هن چيو ته ٿر ۾ تباهيءَ ڪانسواءِ ڪجهه ناهي ٿيو ۽ نه ئي ڪو ميگا پراجيڪٽ يا بنيادي سهولتون جهڙوڪ صحت، تعليم ۽ پيئڻ جو پاڻي موجود آهي

بقايا 15 روزاني عبرت

حساب ڏي، ڪرايو برابر ڪيو وڃي جي شاگردن سان رويو بهتر رکيو وڃي جي اگر اسان جون اي سي ميهڙ ڳالهيون نه ٻڌيون ته باٽي پاس بند ڪري احتجاج ڪندا.

بقايا 16 روزاني عبرت

اڳواڻي ۾ جسقم ضلعي ٽنڊي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن پيرپلو جي قبرستان ۾ پهچي ڪوڙهي ڦاٽڪ جي شهيد عبدالمالڪ خشڪ جي مزار تي حاضري ڀري چادر چاڙهي ان موقعي تي جسقم ضلعي ٽنڊي جي صدر غلام نبي ڪٽي نظامر جوکيو سميت ٻيا اڳواڻ ۽ ڪارڪن موجود هئا ٻئي طرف جسقم شهيد بشير خان جي سربراهه ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پنهل ساريو بابو جان خشڪ ننگر درس نصرالله خشڪ باغي رازق ٽنيو ۽ ٻين سان گڏ پير پلو ۾ ڪوڙهي ڦاٽڪ جي شهيد عبدالمالڪ خشڪ جي آخري آرامگاهه تي پهچي چادر چاڙهي دعا گهري ۽ ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو هوڏانهن جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين نواز شاهه پاڏائي جي اڳواڻي ۾ پڻ ڪارڪنن پير پلو پهچي ڪوڙهي ڦاٽڪ جي شهيد عبدالمالڪ خشڪ جي مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري ڪوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جي ورسي جي موقعي تي پير پلو پهچي شهيد عبدالمالڪ خشڪ جي مزار تي چادر چاڙهي ڪيس خراج تحسين پيش ڪندي قومپرست اڳواڻن صنعان خان قريشي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي نواز شاهه پاڏائي ۽ ٻين چيو آهي ته ڪوڙهي ڦاٽڪ جي شهيد شاگردن مارشلائي دور ۾ سنڌ جي حقن جي حاصلات واري جدوجهد ۾ راهه ويندي شهيد ڪيا ويا سنڌ ڌرتي لاءِ ڏنل قرباني ڪڏهن به رائيگان نه ويندي ۽ ڪوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪيون ٿا.

بقايا 17 روزاني عبرت

مراد، دليپ، فرمان، ڪيول رام، جاويد اقبال راهمون، سڪندر ۽ منگهو سميت ٻين ڪئي، مظاهرين چيو ته جيڪڏهن صوبي جي بجيٽ جو 91 سيڪڙو حصو پگهارن تي خرچ ٿئي ٿو ته اربين رپيا خرچ ٿيڻ باوجود سرڪاري اسڪولن ۾ استادن جي ڪوٽ ڇو برقرار آهي؟ گهوسٽ استادن ۽ غير فعال عملي جي ڇنڊڇاڻ ڇو نه ٿي ڪئي وڃي؟ هنن چيو ته غير ضروري خرچن لاءِ بجيٽ موجود آهي پر ڪلاس رومن ۽ ميرٽ تي ايندڙ سائنس ٽيچرس جي ڀرتين لاءِ وسيلا نه هجڻ جو جواز ڏنو وڃي ٿو جيڪا بجيٽ جي ڪوٽ نه پر بدانتظامي ۽ غلط ترجيحن جو نتيجو آهي، هنن چيو ته سنڌ جي ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن ۾ سائنس ۽ رياضي جي استادن جي سخت ڪوٽ آهي، جنهن سبب شاگردن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي جڏهن ته تعليم يافته نوجوان ڊگريون حاصل ڪرڻ باوجود روزگار لاءِ پريشان آهن. مظاهرين مطالبو ڪيو ته 40 يا وڌيڪ مارڪون ڪندڙ ڏاڍو گريجوئيٽ اميدوارن لاءِ خالي جايون ظاهر ڪري ميرٽ ۽ ضابطن موجب ڀرتيون ڪيون وڃن جڏهن ته گهوسٽ ۽ غير فعال عملي خلاف جاچ ڪري سرڪاري وسيلن جو ضايع ٿيڻ روڪيو وڃي، واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ 50 يا وڌيڪ مارڪون ڪندڙ اميدوارن به احتجاجي مظاهرو ڪيو هو مظاهرين چيو ته 16 کان 18 سال تعليم حاصل ڪرڻ باوجود نوجوانن جو بيروزگار رهڻ مايوسي وڌائي رهيو آهي هنن سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي جي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڀرتين ۾ شفافيت يقيني بڻائي نوجوانن کي روزگار جا منصفاڻا موقعا فراهم ڪيا وڃن

بقايا 18 روزاني عبرت

صل ڪري ورتي، جڏهن ته نواب شاهه سان تعلق رکندڙ افضل خالد حيدرآباد ڊويزن ڪرڪيٽ جو صدر چونڊجي ويو چونڊن جو انعقاد نيشنل اسٽيڊيم ڪراچيءَ ۾ ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي ستن ضلعن سان تعلق رکندڙ عهديدارن شرڪت ڪئي انجنيئر ملڪ محمد مزمل جي ڪاميابيءَ کي ضلعي بدين لاءِ هڪ اهم اعزاز قرار ڏنو پيو وڃي ڇاڪاڻ ته مليل ڄاڻ موجب ضلعي جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو بدين سان تعلق رکندڙ شخصيت حيدرآباد ڊويزن ڪرڪيٽ جي جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي تي چونڊجي آئي آهي انجنيئر ملڪ محمد مزمل جي ڪاميابيءَ تي انجمن عاشقان مصطفيٰ صم جي صدر راجا ظفر اقبال نائب صدر اشرف عبدالله ميمڻ جنرل سيڪريٽري اقبال ابلاغي خزانچي نعيم اختر ميمڻ عبدالخالق ڪاشف ميمڻ سميت سنڌ ۽ حيدرآباد ڊويزن جي سياسي سماجي ۽ ڪاروباري شخصيتن ڪيس مبارڪون ڏيندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي ان موقعي تي اميد ظاهر ڪئي وئي ته سندس ڪاميابيءَ سان ضلعي بدين سميت حيدرآباد ڊويزن جي ڪرڪيٽرن کي اڳتي وڌڻ جا وڌيڪ موقعا ملندا ۽ علائقائي ڪرڪيٽ جي ترقي نوجوان رانديگرن جي همت افزائي ۽ ڪرڪيٽ جي نظام کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي ڪرڪيٽ جي حلقن موجب اها ڪاميابي نه رڳو ضلعي بدين پر سڄي ريجن جي ڪرڪيٽرن لاءِ خوشي ۽ فخر جو سبب آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

فوت ٿي ويو آهي فوتي ٽن ٻارن جو پيءُ هو. سندس لاش کي وارثن جي موجودگي ۾ سول اسپتال مٺي مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي جو لاش ڳوٺ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن ته وحشي جوابدار امرت ميگهواڙ کي مٺي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي پر آخري اطلاعن تائين مٺس ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي.

بقايا 20 روزاني عبرت

اشد حسين چاچڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٽنڊوالهيار جي باءِپاس روڊ تي قائم سبزي منڊي ۾ گذريل پنجن سالن کان 16 ڪان مٽي دڪانون هڪ گروهه وٽ قبضي هيٺ هيون جن کي ان وقت جي ايڊمنسٽريٽر عبدالحفيظ لغاري ٽيڪس ادا نه ڪرڻ تي خالي ڪرڻ جو چيو پر مذڪوره ماڻهن طرفان دڪانون خالي نه ڪيون ويون جڏهن ته مختلف وقتن ۾ ڪيس پڻ ڪيا ويا جيڪي پڻ هنن جي حق ۾ نه آيا هن چيو ته اسان سبزي منڊي جي قابض ۽ غيرقانوني عهديدارن کي به ٽعا ڏجن جن خلاف اسان ڪيترائي ڀيرا نوٽيس ڏنا پر انهن عمل نه ڪيو جن جو مارڪيٽ ڪميٽي سان رويو به بهتر ناهي رهيو ۽ عدالتن جا به سخت آرڊر آهن ته بناڌير سرڪاري جاين تان قبضا ختم ڪرايا وڃن اسان 16 ڪان مٽي دڪانون خالي ڪرائي سيل ڪيون آهن جن کي قانون موجب واڪ لڳائي هتي جي ماڻهن کي ڏنداسين ۽ اصولن جي خلاف ورزي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 21 روزاني عبرت

چيئرمين خميسو خان پنڊ ۽ سينيئر صحافي ظفر علي چانڊيو جي سهڪار سان ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويو جتي ڪيترن ئي نوجوانن رت جو عطيو ڏيئي ڪرايو جن ۾ شهر جي نوجوانن ڪانسواءِ آڪٽريٽ ايس يو پي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن جي هئي ان موقعي تي خميسو خان پنڊ ڳالهائيندي چيو ته ٿيليسيميا بيماري ۾ مبتلا گلن جهڙن ٻارڙن لاءِ رت عطيو ڪيو آهي ته جيئن انهن جون زندگيون بچائي سگهجن ان موقعي تي جن دوستن رت عطيو ڪيو انهن جي حوصلا افزائي جي لاءِ ڪين سجنا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا جيڪي ڪيمپ ۾ سهڪار ڪندڙ خميسو خان پنڊ ، ظفر علي چانڊيو، ڊاڪٽر الله رکيو ڪلهوڙو، آڪاش لاکو، ملهار چانڊيو جن جي هٿان ڏياريا ويا

بقايا 22 روزاني عبرت

ان سلسلي ۾ قمبرپرسان مهي مڪول ٿاڻي جي حد ڳوٺ حاڪم شاهه ٿائيريو ۾ سيد ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي زرعي تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ڪري 52 ورهين جو عبدالله شاهه سندس ٻن پٽن رضوان شاهه ۽ ثناء الله شاهه کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا، اطلاع تي حد جي ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل وٺي زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪڻائي علاج لاءِ لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو جتي زخمي پيرسن عبدالله شاهه ۽ سندس پٽ رضوان شاهه علاج دوران زخمن جي ست نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو جڏهن ته مقتول پيرسن زخمي پٽ کي طبي امداد ڏني وئي جنهن جي حالت خطري کان ٻاهر ٻڌائي پئي وڃي ان حوالي سان مقتولن جي وارث امير شاهه صحافين کي ٻڌايو ته قتن شاهه جي ڌر سان واسطو رکندڙ هٿيارٻندن پراڻي زميني تڪرار تان حملو ڪري عبدالله ۽ سندس پٽ رضوان شاهه کي قتل ۽ سندس هڪ پٽ ثناء الله شاهه کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا آهن هن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته مقتولن جي قتل ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي واقعي بابت مهي مڪول ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته سيد ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي زميني تڪرار تان اهڙو واقعو پيش آيو آهي، جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپن جو سلسلو جاري آهي، جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو ٻئي طرف مقتولن جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال قمبر نيا ويا جتان پوسٽ مارٽم بعد مقتول جو لاش وارثن حوالي ڪيا ويا جتي لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو جڏهن ته آخري اطلاعن تائين اهڙي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو ٻڌايو پيو وڃي ته پوليس 4 سڄي جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 23 روزاني عبرت

سلسلي ۾ سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر لاڙڪاڻو جي صدر سيد سراج اولياء راشدي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته زيتون لاڙڪاڻي جي زرعي سڃاڻپ ۽ مقامي معيشت جو اهم حصو آهي ضلعي لاڙڪاڻي ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ لڳ ڀڳ 10 هزار ايڪڙن جي ايراضيءَ تي زيتونن جا باغ آهن، جيڪي هزارين باغ مالڪن ۽ زرعي مزدورن جي روزگار جو ذريعو آهن پر فروٽ فلاءِ جي وڌندڙ حملي سبب زيتون جي پيداوار ميوي جي معيار ۽ باغ مالڪن جي آمدنيءَ کي سخت نقصان پهچي رهيو آهي چيمبر موجب، اونهاري جي موسم ۾ فروٽ فلاءِ جي حملي سبب لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو تائين ميوو ضايع ٿي وڃي ٿو جڏهن ته سياري جي موسم ۾ پڻ 30 کان 35 سيڪڙو تائين ميوو هن نقصانڪار جيت جو شڪار ٿئي ٿو ان صورتحال سبب زيتونن جا باغ رکندڙ آبادگار سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن ساڳئي وقت پاڻ زرعي دوائن مزدوري، آبپاشي ۽ ٻين پيداواري خرچن ۾ واڌ سندن پريشانين ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي فروٽ فلاءِ جي خاتمي لاءِ ڪامياب منصوبو ٻيهر شروع ڪيو وڃي سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر نشاندهي ڪئي آهي ته ماضيءَ ۾ فروٽ فلاءِ جي روڪٿام لاءِ جديد ۽ ماحول دوست طريقن جا هاڪاري نتيجا سامهون اچي چڪا آهن لڳ ڀڳ پنج سال اڳ سنڌ ايريگيٽيڊ ايگريڪلچر پراڊڪٽوٽي انهانسمنٽ پراجيڪٽ پاران عالمي بئنڪ جي سهڪار سان هڪ منصوبو شروع ڪيو ويو هو جنهن ۾ بين الاقوامي اداري ڪيبي جي سهڪار سان فروٽ فلاءِ جي خاتمي لاءِ جديد حياتياتي طريقا متعارف ڪرايا ويا هئا. ان منصوبي تحت فائديمند شڪاري جيتن ۽ طفيلي جيتن جي استعمال ذريعي نقصانڪار جيتن جي واڌ ويجهه کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن سان فروٽ فلاءِ جي حملي جي شدت گهٽائڻ ۽ زيتون جي پيداوار ۽ معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي ان سان گڏ زرعي زهرن جي استعمال ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ پڻ هاڪاري اڳڀرائي ٿي افسوس جو منصوبي جي مدي پوري ٿيڻ کان پوءِ اهي سرگرميون مستقل بنيادن تي جاري نه رهي سگهيون، جنهن جي نتيجي ۾ فروٽ فلاءِ جو مسئلو ٻيهر شدت اختيار ڪري ويو ۽ باغن جي مالڪن کي وڏي مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر جا اهم مطالبا سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر لاڙڪاڻي پاران سنڌ حڪومت ۽ زراعت کاتي کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته باغن جي مالڪن کي مفت فرومون ٽريپس فراهم ڪيا وڃن لاڙڪاڻي ۽ ڀرپاسي وارن سمورن اهم زيتون پيدا ڪندڙ علائقن جي باغن جي مالڪن کي سرڪاري سهڪار سان مفت ڦندا فراهم ڪيا وڃن فروٽ فلاءِ جي لاڳاپيل قسمن جي سڃاڻپ مطابق سائنسي طور منظور ٿيل لالچ ڏيندڙ ڦندا ۽ ٻيا اثرائتا طريقا استعمال ڪيا وڃن ته جيئن نقصانڪار جيت جي واڌ ويجهه ۽ پکيڙجڻ کي روڪي سگهجي حياتياتي ضابطي وارو منصوبو بحال ڪيو وڃي سنڌ ايريگيٽيڊ ايگريڪلچر پراڊڪٽوٽي انهانسمنٽ پراجيڪٽ جي ماضيءَ جي تجربي مان فائدو وٺندي فائديمند شڪاري ۽ طفيلي جيتن تي ٻڌل حياتياتي ضابطي وارو پروگرام ٻيهر شروع ڪيو وڃي ته جيئن فروٽ فلاءِ جي روڪٿام لاءِ پائيدار اثرائتو ۽ ماحول دوست نظام قائم ٿي سگهي باغن جي مالڪن لاءِ خاص امدادي پروگرام شروع ڪيو وڃي ننڍن ۽ وچولي درجي جي باغن جي مالڪن کي خاص ترجيح ڏيندي مفت ڦندا، فني سهڪار تربيت ۽ فروٽ فلاءِ جي روڪٿام بابت جديد سائنسي طريقن جي ڄاڻ فراهم ڪئي وڃي زهريلين زرعي دوائن جي غيرضروري استعمال ۾ گهٽتائي آندي وڃي فروٽ فلاءِ جي گڏيل ۽ مربوط روڪٿام واري نظام کي هٿي ڏني وڃي ته جيئن زرعي زهريلين دوائن جي بيجا ۽ اڻڌري استعمال ۾ گهٽتائي اچي انساني صحت ۽ ماحول جو تحفظ ٿي سگهي ۽ صارفين کي محفوظ ۽ معياري زيتون فراهم ٿي سگهن زراعت کاتي جي نگرانيءَ ۾ جامع منصوبابندي ڪئي وڃي سنڌ جي زراعت کاتي جي ماهرن تي ٻڌل هڪ خاص ٽيم جوڙي وڃي جيڪا زيتونن جي باغن جو سروي ڪري، متاثر علائقن جي نشاندهي ڪري، فروٽ فلاءِ جي شدت جو جائزو وٺي ۽ ميوو پچڻ جي موسم کان اڳ ان جي روڪٿام لاءِ عملي قدم کڻي

بقايا 24 روزاني عبرت

حيدرآباد ۾ درگاهه حضرت سيدنا سخي عبدالوهاب شاهه جيلاني، قدم گاهه مولا عليؑ ۾ مسجد ابوالفضل عباس ۽ مٽياري ضلعي جي ڀٽ شاهه شهر ۾ درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو دورو ڪيو ان موقعي تي هن مزارن تي حاضري ڀري، چادرون چاڙهيون ۽ دعا گهري دوري دوران اوقاف کاتي جي ايڊمنسٽريٽو آفيسر امتياز لاشاري ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر اياز احمد سومرو سيڪريٽري اوقاف جي آجيان ڪئي ۽ ڪيس مزارن جي انتظامي معاملن ۽ جاري سرگرمين بابت بريفنگ ڏني آغا فاخر حسين زائرين کي فراهم ٿيندڙ سهولتن جو معائنو ڪيو ۽ صفائي سٿرائي سميت انتظامي بندوبستن جو جائزو ورتو هن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته مزارن تي صفائيءَ جو اعليٰ معيار برقرار رکڻ ۽ انتظامي معاملن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن سيڪريٽري اوقاف چيو ته زائرين جي خدمت ۽ کين معياري سهولتون فراهم ڪرڻ اوقاف کاتي جي بنيادي ذميواري آهي هن لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي کي هدايت ڪئي ته زائرين سان عزت، خوش اخلاقي ۽ ڀرپور سهڪار وارو رويو اختيار ڪيو وڃي جيئن کين حاضريءَ دوران ڪنهن به قسم جي تڪليف يا ڏکيائي پيش نه اچي

بقايا 25 روزاني عبرت

حافظ بشير احمد حسيني صدر رئيس لياقت علي عمراڻي دعا ڪئي زم زم فائونڊيشن جي چيئرمين آصف علي شاهاڻي زيبيسٽ يونيورسٽي جي پروفيسر جليل احمد ٿيبو شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جي پروفيسر فرحان بشير سميت تقريب جي ميزبان بلائينڊ وائيس فائونڊيشن ضلعي صدر انور علي چن جنرل سيڪريٽري اظهر علي مورس شمائيلا سومرو زينب گاڏهي انور ڏوڻ سلمان ميراڻي توڙي مختلف مڪتبهءِ فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي مقررين چيو ته معذور ماڻهو اسان جي معاشري جا خاص فرد آهن سندن جي سار سنڀال لهڻ اسان جي ذميواري آهي انهن ماڻهو پاڻ کي اڪيلو نه سمجهن هنن چيو ته نابين ماڻهن ۾ تمام گهڻيون صلاحيتون ۽ خوبيون موجود آهن، جيڪي هن معاشري ۾ عزت سان زندگي گذاري رهيا آهن اسان کي گهرجي ته معذورن جو وڌ کان وڌ خيال رکون ته جيئن هو پنهنجي زندگي آسانيءَ سان گذاري سگهن تقريب کي خطاب ڪندي بلائينڊ وائيس فائونڊيشن ضلعي صدر انور علي چن چيو ته نابينن کي 5 سيڪڙو نوڪرين ۾ ڪوٽا تحت نوڪريون ڏنيون ۽ کين روزگار جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ته جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهي نه صرف پنهنجي گهرڀاتين جي ڪفالت ڪن پر معاشري جو ڪارائتو فرد پڻ بڻجي عوام جي خدمت ڪري سگهن هوڏانهن تقريب ۾ آيل مهمانن توڙي اکين جي نور کان محروم ماڻهن کي شيلڊون پڻ ڏنيون ويون

بقايا 26 روزاني عبرت

جي هڪ اسپتال ۾ ديهانت ڪري ويو آهي، جنهن جون آخري رسمون ميرپورخاص جي مسان ۾ ادا ڪيون ويون ڊاڪٽر گل نانڪاڻي جي آخري رسمن ۾ سندس پٽن ڊاڪٽر پون ڪمار ڊاڪٽر امرديپ، ايم پي اي هريرام ڪشوري لال اڳوڻي ايم پي اي لڇمڻ داس پيرواڻي، ميرپورخاص پريس ڪلب جي صدر نذير پنهور هاءِ ڪورٽ بار جي جنرل سيڪريٽري ڪانجي مل ميگهواڙ سميت هندو پنچائت جي اڳواڻن، شهرين ۽ ڊاڪٽرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڊاڪٽر گل کي ڪجهه ڏينهن اڳ جگر جي تڪليف سبب حيدرآباد جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو ڊاڪٽر گل نانڪاڻي اصل ۾ ڪاڻ شهر جو رهواسي هو هن صحت جي شعبي ۾ لمس يونيورسٽي، ميرپورخاص جي سول اسپتال سميت مختلف هنڌن تي اهم ذميواريون سنڀاليون، مفت طبي ڪيمپن ڪان وٺي هندو پنچائت جي پلٽي پيل ماڻهن لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيو ان ڏس ۾ ڳالهائيندي اڳوڻي ايم پي اي لڇمڻ داس چيو تهه ڊاڪٽر گل غريب ماڻهن لاءِ مسيحا هو هن پورهيتن ۽ غريب طبقي جي ماڻهن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو سندس خدمتن کي هميشهه ياد ڪيو ويندو

بقايا 27 روزاني عبرت

شوڪت علي ابڙو جي صدارت هيٺ ۽ ضلعي ايڇ آءِ وي / آءِ پي سي فوڪل پرسن ڊاڪٽر فرمان علي ابڙو جي سهڪار سان ايڇ آءِ وي ۽ انفيڪشن کان بچاءَ جي ضابطن بابت آگهي ۽ جائزي واري گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي گڏجاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر ديالي گل، ڊاڪٽر ياسمين شيخ، ڊاڪٽر ماروي قاضي تعلقه اسپتال ڏوڪري، آريجا ۽ لاڙڪاڻي جي خانگي طبي مرڪزن جا نمائندا شرڪت ڪئي ڊاڪٽر ماروي قاضي آءِ پي سي فوڪل پرسن چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج اسپتال لاڙڪاڻو طبي فضلي جي نيڪال بابت بريفنگ ڏيندي خانگي طبي مرڪزن بلڊ بئنڪن ۽ ليبارٽرين جي فهرست پيش ڪئي جن مان ڪجهه مقرر طريقيڪار تحت فضلو نيڪال ڪري رهيا آهن جڏهن ته ڪجهه مرڪز سهڪار نه ڪري رهيا آهن ۽ ضابطن تي عمل نٿا ڪن هن تفصيل سان ٻڌايو ته جيڪڏهن خانگي صحت مرڪز پنهنجو متاثر ڪندڙ طبي فضلو ساڙڻ لاءِ فضلو ساڙڻ واري مشين ڏانهن نه موڪليندا ته ان خطرناڪ فضلي جي غلط سنڀال ۽ ٻيهر استعمال سبب هيپاٽائٽس ايڇ آءِ وي ۽ ٻين بيمارين جي پکڙجڻ جو خطرو وڌي سگهي ٿو ڊي ايڇ او لاڙڪاڻو ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو ڊاڪٽر ديالي گل کي هدايت ڪئي ته پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن پي ايم اي جي طرفان ضابطن تي عمل نه ڪندڙ خانگي طبي مرڪزن کي طبي فضلي جي محفوظ نيڪال ۽ انسينيريٽرز ۾ ساڙڻ بابت آخري وارننگ / نوٽيس جاري ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ ضلعي انتظاميه طرفان قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي وڌيڪ هدايت ڪئي ته هر خانگي طبي مرڪز جي فوڪل پرسن جا نالا فراهم ڪيا وڃن جيئن کين انفيڪشن کان بچاءَ جي ضابطن بابت ريفريشر ٽريننگ ڏني وڃي ڊي ايڇ او ڊوڪري، آريجا ۽ گورنمينٽ اسپتال ٽئون ڊيرو کي پڻ هدايت ڪئي وئي ته هو پنهنجي تعلقن ۾ قائم خانگي طبي مرڪزن ۽ ليبارٽرين جي فهرست تيار ڪن ۽ انهن کي پابند بڻائين ته طبي فضلو پنهنجي صحت مرڪزن ۾ موجود انسينيريٽرز ذريعي مقرر طريقيڪار تحت نيڪال ڪن

بقايا 28 روزاني عبرت

ڪوس‌لاڙڪاڻه هاءِ ڪورٽ بار جي جوائنٽ سيڪريٽري وڪيل عابد ڪلهوڙو، قومي عوامي تحريڪ ڪرناز مرچنٽ جو صدر محبوب علي ڪوسو ،زبير علي سمون عبدالفتاح شاهه محمد اسماعيل بروهي، اشتياق علي ٽيبو ، محمد هاشم برڙو ۽ ٻين چيو ته فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهي 5 سالن کان فلٽر پلانٽ نه هلي سگهيو آهي ،ميهڙ شهر ۾ لڳل سالن کان پرائيون واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن هنن چيو ته شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن نالين جو گندو پاڻي روس رستن ۽ گهٽين ۾ بيٺل آهي شهر جي پاڙن ، ڪالونين ۽ محلن ۾ گندگي جو انبار وڌي ويو آهي ساڍا ٽي سئو کان وڌيڪ صفائي ڪندڙ ملازمن ۾ وائٽ ڪالر ڀرتي ڪيا ويا آهن جيڪي به سياسي آشيرواد سبب ڊيوٽي نه ٿا ڪن ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جي تقريبن ساڍا ٽي ڪروڙ روپيا ماهوار بجيٽ هڙپ ڪئي وڃي ٿي هنن چيو ته شهر ۾ ڪو به ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي روس رستا گهٽيون ڪنڊر بڻيل آهن جڏهن ته تعلقي اسپتال ميهڙ ۾ ماڻهن کي دوائون نه ٿيون ملن سمورا شعبا غير فعال بڻيل آهن ، هنن چيو ته ميهڙ ۾ ٻن ٿاڻن ، ون فاءِ ۽ ڊي ايس پي جون آفيسون هجڻ باوجود به بدامني وڌي وئي آهي امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب ٿي وئي آهي شهر جي مختلف پاڙن ۾ منشيات ، جوا جو آزار وڌي ويو آهي شهري غير محفوظ بڻيل آهن ميهڙ مسئلن جو ڳوڙهه بڻجي ويو آهي، هنن چيو ته 35 ڏينهن کان اسين شهري سراپا احتجاج بڻيل آهيون ٽڪ جا نمائندا، ڊي سي دادو، اي سي ميهڙ ۽ سي ايم او سميت سموري انتظاميه اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن شهرين جا جائز مطالبا به تسليم نه ٿا ڪيا وڃن هنن چيو ته جيستائين شهرين کي پنهنجا حق نه ٿا ڏنا ويندا شهرين جا بنيادي مسئلا حل نه ڪيا ويندا اسان جو پرامن احتجاج روز جي بنياد تي جاري رهندو

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪيو آهي ته پاڙي ۾ رهندڙ ٽڪ ٽاڪر عورت جي زيادتين جو نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪيو وڃي هن الزام هڻندي چيو ته پاڙي ۾ ڪرائي جي گهر ۾ رهندڙ ٽڪ ٽاڪر عورت فرزانه لغاري نشي ۾ ڌت ٿي ڪري پاڙيسرين کي گارگند ڪري ٿي،جڏهن ته ڄاڻايل عورت گهر ۾ اڪيلي رهڻ سبب سندس وٽ غير ماڻهن جي اچ وڃ رهي ٿي جنهن سبب هڪ شريف پاڙي جو تقدس خراب ٿي رهيو آهي هن چيو ته ڄاڻايل عورت خلاف حد جي ٿاڻي تي اطلاع ڪئي پر ڄاڻايل عورت پوليس اهلڪارن کي گارگند ڪندي ڊوڙائي ڇڏيو هن ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي ڄاڻايل عورت کي پاڙي مان ڪيدي ڪنهن ٻئي جاءِ تي منتقل ڪيو وڃي

بقايا 30 روزاني عبرت

چيو ته سنڌ جو ڪو به مسئلو هجي يا سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي، وڪيل اهڙي ڪنهن به ڪوشش جو ساٿ نه ڏيندا. سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي، ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين وڪيل متحد آهن.عامر نواز وڙائچ چيو ته سنڌ جون زمينون سنڌ جي ماڻهن کي ڏنيون وڃن آئين ڪرڻ سان پاڪستان ۽ سنڌ ٻنهي جي ترقي ٿيندي هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جو ڪو به معاملو سامهون آيو ته وڪيل ان جي مخالفت ڪندا ۽ سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو هن واضح ڪيو ته ڪنهن کي به غلط فهميءَ ۾ نه رهڻ گهرجي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري بئريسٽر ارشد شر خطاب ڪندي چيو ته ڪيس چيو ويو هو ته سندس آواز بند ڪئي ويندي، پر وڪيلن جي آواز کي خاموش ڪرائڻ ممڪن ناهي هن چيو ته جيستائين وڪيل موجود آهن تيستائين سنڌ کي ڪير به ورهائي نٿو سگهي بئريسٽر ارشد شر وڌيڪ چيو ته پاڪستان جو آئين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جوڙيو هو ۽ وڪيل ان آئين جا محافظ آهن هن چيو ته ڪاري ڪوٽ وارا سنڌ جا سچا پٽ آهن ۽ سنڌ جي وحدت توڙي آئين جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا.سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر ڪي بي لغاري چيو ته وڪيل متحد آهن ۽ سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو هن چيو ته 2007ع ۾ به وڪيلن تحريڪ هلائي هئي ۽ اڄ به وڪيل ميدان ۾ موجود آهن.سکر بار ايسوسيئيشن جي صدر ايڊووڪيٽ قربان ملاڪو چيو ته سنڌ خلاف ڪنهن به سازش کي ناڪام بڻايو ويندو هن سنڌ کي پنهنجي ماءُ قرار ڏيندي چيو ته سنڌ کي ڪير به الڳ نٿو ڪري سگهي ۽ ان جي وحدت جو تحفظ هر صورت ۾ يقيني بڻايو ويندو.ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي صدر ايڊووڪيٽ اعجاز علي چانڊيو چيو ته سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي قبول نه ڪيو ويندو ۽ وڪيل ان معاملي تي سڀ کان اڳيان هوندا. هن ڪنوينشن ۾ شرڪت لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن مان خيرپور پهتل وڪيلن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته هي اجتماع سنڌ جي وحدت ۽ يڪجهتيءَ لاءِ گڏيل جدوجهد جي علامت آهي تقريب کي خطاب ڪندڙ ٻين اڳواڻن ۾ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر حسيب جمالي، فياض ميتلو سيد جعفر شاهه ايڊووڪيٽ ۽ الطاف حسين سري ايڊووڪيٽ شامل هئا.ڪنوينشن جي پڄاڻيءَ تي وڪيل اڳواڻن ان عزم جو اظهار ڪيو ته سنڌ جي وحدت، سالميت، آئيني حقن ۽ عوامي مفادن جي تحفظ لاءِ وڪيل برادري پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي هنن چيو ته سنڌ سندن ماءُ آهي ۽ ماءُ کي ڪير به ورهائي نٿو سگهي سنڌ خلاف ڪنهن به معاملي تي وڪيل اڳيرا رهندا. هنن وڌيڪ چيو ته ڪنهن کي به اها غلط فهمي نه هئڻ گهرجي ته وڪيلن جا آواز بند ڪري ڪين خاموش ڪرائي سگهبو.ڪنوينشن دوران وڪيل اڳواڻن سنڌ جي وحدت ۽ سالميت جي تحفظ بابت جذباتي تقريرون ڪيون ۽ گڏيل جدوجهد جاري رکڻ تي زور ڏنو

بقايا 31 روزاني عبرت

کهاڙي سان زخمي ڪرڻ جي الزام هيٺ جوابدار محمد شريف پنهور کي گرفتار ڪري ورتو.پوليس گرفتار جوابدار خلاف ٿاڻي سوراهه تي ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي.پوليس ترجمان موجب، ايس ايس پي خيرپور بروقت ڪارروائي ڪرڻ تي ايس ايڇ او ٿاڻو سوراهه ۽ پوليس ٽيم کي ساراهيو آهي

بقايا 32 روزاني عبرت

تي داخل ڪيو ويو آهي ايف آءِ آر ۾ مرتضيٰ پلي ۽ احسان پلي پٽ مريد علي پلي، عاشق علي پلي ۽ مظفر علي پلي پٽ غلام مصطفيٰ پلي جيڪي ڳوٺ فيض محمد پلي جا رهواسي ڄاڻايا ويا آهن جڏهن ته پنجين جوابدار طور علي آباد واسي الاهي بخش پٽ محمد صالح ڪاڪيپوٽو کي نامزد ڪيو ويو آهي فريادي جي بيان موجب، سندس پنهنجي برادريءَ جي مرتضيٰ پلي ڌر سان سڱاوتي تڪرار هلندڙ هو جنهن تان ڄاڻايل جوابدار سندس وڏي پٽ نثار علي پلي کي وقت بوقت قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندا هئا فريادي ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو آهي ته واقعي واري ڏينهن هو پنهنجي عزيزن رحيم بخش پلي، شفيع محمد پلي پٽ نثار علي پلي ۽ سندس دوست گلزار علي سولنگي سان گڏ ٻن موٽر سائيڪلن تي سيوهڻ گهمڻ لاءِ ويا هئا. واپسيءَ دوران درياهه ٻيڙيءَ ذريعي پار ڪري ديهه سکيور جي بيلي مان ڪچي رستي تي اچي رهيا هئا ته سندن اڳيان هڪ موٽر سائيڪل تي سوار نثار علي پلي ۽ گلزار علي سولنگي کي هٿيارٻندن روڪي فائرنگ ڪري ڏني فريادي جي الزام موجب، ڳوٺ فيض محمد پلي سان تعلق رکندڙ چئن جوابدارن وٽ ڪلاشنڪوفون جڏهن ته الاهي بخش ڪاڪيپوٽو وٽ 44 .رائفل جهڙو هٿيار هو جوابدارن مبينا طور ٻنهي ڄڻن تي انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي فريادي ۽ سندس ساٿين کين الله جا واسطا پڻ ڏنا، پر جوابدارن فائرنگ ڪري نثار علي پلي ۽ گلزار علي سولنگي کي قتل ڪري ڇڏيو فريادي وڌيڪ الزام هنيو آهي ته ٻنهي ڄڻن کي قتل ڪرڻ بعد جوابدار گارگند ڪندا آسانيءَ سان واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا.هوڏانهن ڪيس داخل ٿيڻ ڪانپوءِ علي آباد پوليس پاران نامزد جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن پر اڃا تائين ڪنهن به جوابدار جي گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي

بقايا 33 روزاني عبرت

لاڳاپيل انتظاميه کي شهرين جا جائز مسئلا جلد حل ڪرڻ لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي ايم پي اي جميل احمد سومرو چيو ته پارٽي منشور تي هلندي شهرين جي هر ممڪن مدد ۽ خدمت جو سلسلو جاري آهي اسان جي ڪوشش آهي ته شهرين کي بنيادي سهولتون سندن در اڳيان مهيا ڪيون وڃن جنهن لاءِ اسان جو ڪوششون جاري آهن

بقايا 34 روزاني عبرت

ان موقعي تي ڀٽ شاهه پريس ڪلب جي صدر گل حسن راجپوت مستقيم سمون جنرل سيڪريٽري ڀٽ شاهه پريس ڪلب سينيئر نائب صدر اختيار علي مير صحافي عبدالجبار راجپوت، محمد نديم راجپوت، اسسٽنٽ ڪلارڪ محمد سهيل راجپوت، ارشاد چنڊ، دوست محمد چنڊ، ڪاشف راجپوت، ذوالفقار چنڊ، تعمور راجپوت، مظهر راجپوت ۽ ٻين شخصيتون پڻ موجود هيون ان دوران سيد سلال حسين شاهه بخاري،سيد مهربان علي شاهه شمسي تبريزي سبزواري، سائين محي الدين حسيني عرف جاني شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن ڳالهائيندي چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عظيم صوفي بزرگ،شاعر ۽ امن، محبت، ڀائيچاري ۽ انسانيت جي پيغام ڏنو آهي ڀٽ شاهه سنڌ جي روحاني ۽ ثقافتي سڃاڻپ جو اهم مرڪز آهي.هنن سالگرهه جي موقعي تي مليل محبتن ۽ نيڪ خواهشن تي سڀني صحافين ۽ معزز شخصيتن جا ٿورا مڃيا

بقايا 35 روزاني عبرت

حوالي ڪرڻ لاءِ نوان صوبا ٺاهڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي.نون صوبن جي مهم وسيلي بلاول شهباز اتحادي سرڪار پنهنجي ڪرپشن ۽ ڦرلٽ تي پردو وجهي رهي آهي اهڙن خيالن جو اظهار عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروان مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي،ستار رند،ڊاڪٽر ماروي سنڌو ۽ مهراڻ درس پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ ڪيو آهي.اڳواڻن چيو آهي ته پاڪستان جو بڪ جي عالمي بحران کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ڏهن ملڪن ۾ شامل ٿيڻ حڪمرانن جي عوام دشمن معاشي پاليسين جو نتيجو آهي روزاني ميڊيا ۾ شايع ٿيل هڪ عالمي اداري جي رپورٽ موجب پاڪستان ۾ غربت جي شرح 2018-19ع ۾ 21.9 سيڪڙو مان وڌي 2024-25ع ۾ 28.9 سيڪڙو ٿي وئي آهي.هنن چيو ته مهانگائي، بيروزگاري، عام ماڻهن جي آمدنيءَ ۾ گهٽتائي ۽ خوراڪ جي وڌندڙ قيمتن غريب عوام کان ٻن ويلن جي مانيءَ جو حق به کسي ورتو آهي

بقايا 36 روزاني عبرت

جي سيڪريٽري جمشيد عالم ميمڻ ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر بدين ڊاڪٽر وسيم عباس خواجه خاص طور تي شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اقليتي معاملن واري کاتي جي سيڪريٽري جمشيد عالم ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته بدين ۾ ٿيليسيميا پيشنٽس لاءِ اهڙو بهترين سينٽر قائم ڪرڻ تمام سرهاڻ جوڳو عمل آهي جنهن سان مستقبل ۾ هن موذي بيماريءَ خلاف وڌيڪ بهتر اپاءُ وٺي سگهجن ٿا. هن چيو ته هو سينٽر لاءِ گهربل گرانٽ جي فراهميءَ لاءِ مڪمل ڪوشش ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته اقليتي کاتو مندرن جي تعمير و مرمت، ديوالي ۽ ٻين مذهبي تقريبن لاءِ پڻ گڏجي ڪم ڪري ٿو ۽ بدين جي اقليتي برادريءَ کي جيڪڏهن ڪو به مسئلو يا گهرج هجي ته هو ڪراچي اچي آگاهه ڪن ته جيئن انهن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن. سيمينار کي خطاب ڪندي چيئرمين ڪاشف اقبال ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر ڪراچي محمد اقبال چيو ته ٿيليسيميا جهڙي موذي بيماريءَ کان بچاءَ لاءِ منگڻي يا شاديءَ کان پهريان رت جي ٽيسٽ ڪرائڻ انتهائي لازمي آهي، جيئن ايندڙ واري نسل کي هن بيماريءَ کان محفوظ رکي سگهجي انچارج منتوائي ٿيليسيميا سينٽر بدين ڊاڪٽر محمد هارون ميمڻ پڻ ٿيليسيميا جي روڪٿام ۽ آگاهيءَ جي اهميت تي تفصيلي روشني وڌي. تقريب ۾ اقليتي ۽ سماجي اڳواڻن جيوت رام راجو ناڪي معارج بيجولعل ڪرشن ڪولهي پيو لوهاڻ ڊيوسمل معاراج، جئي پرڪاش ناراڻ داس ۽ سماجي اڳواڻ وفا لطيف جوکيو پڻ شرڪت ڪئي تقريب جي آخر ۾ آيل معزز مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا 37 روزاني عبرت

جي اڳواڻ مولوي حسن قاسمي، گورنمنٽ هاءِ اسڪول سجاول جي هيڊ ماسٽر اعظم نثار عمراڻي، ڊاڪٽر حاجي محمد ڪٽي صحافي عمران علي ڪٽي ۽ سيٺ اويس عبدالرحمان ميمڻ سميت سياسي ۽ سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي مرحوم اسلم عمراڻي کي سوڳوارن جي موجودگيءَ ۾ بخاري قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا 38 روزاني عبرت

آهي. وارث لاش کڻائي وڏي انگ ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي پهچي ويا،جتي روڄ راڙو مچي ويو،جتي سنڌ ترقي پسند پارٽي جو حيدرآباد ڊويزنل انفارميشن سيڪريٽري،منصور ڪوسو پڻ پهتو ۽ وارثن سان ملاقات ڪئي،ٻئي طرف، ڪوٽڙي انتظاميا پاران لاش کي ٽنڊي ضلعي جي حدن ڏانهن واپس روانو ڪيو ويو وارثن جو مطالبو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ موت جا اصل سبب ظاهر ڪيا وڃن.پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ کان پوءِ ئي نوجوان جي موت جا اصل سبب واضح ٿي سگهندا

بقايا 39 روزاني عبرت

آصف، مسمات سرور بي بي ۽ مسمات نسرين بي بي ۽ مسمات خورشيد بي بي شامل آهن حادثي جو اطلاع ملندي ئي موٽروي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ زخمين کي فوري طور تعلقي اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو ويو حادثي جو شڪار ٿيل سيني ماڻهن جو تعلق پنجاب جي علائقي خان ٻيلا ضلعي رحيم يار خان سان ٻڌايو پيو وڃي ابتدائي اطلاعن موجب متاثر خاندان ڪراچيءَ مان پنهنجي ڪنهن عزيز جو مڙهه کڻي رحيم يار خان وڃي رهيو هو ته گهوٽڪي ويجهو رستي ۾ سندن مزدا گاڏي بيٺل ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي شروعاتي طور حادثي جو سبب مزدا ڊرائيور کي ننڊ اچڻ ٻڌايو پيو وڃي حادثي ۾ فوت ٿيل هڪ عورت سميت ٽنهي ڄڻن جا مڙهه اسپتال ۾ ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کانپوءِ وارثن حوالي ڪيا ويا ان موقعي تي تعلقي اسپتال گهوٽڪي جي ايم ايس ڊاڪٽر شڪيل عباسي ۽ ڊاڪٽر عبدالروف مهر پاران مڙهن کي سندن اباڻي شهر خان ٻيلا ضلعي رحيم يار خان منتقل ڪرڻ لاءِ ايمبولينس فراهم ڪئي وئي جنهن ذريعي مڙهن کي گهوٽڪي مان روانو ڪيو ويو ٻئي پاسي موٽروي پوليس جو ايس ايس پي غلام قادر سنڌر ۽ ڊي ايس پي اقبال جاويد ڀٽ پڻ تعلقي اسپتال گهوٽڪي پهتا، جتي هنن حادثي بابت تفصيل معلوم ڪيا. حادثي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر پکڙجي وئي

بقايا 40 روزاني عبرت

هي جنهن ڪانپوءِ ريبيز سبب سندس موت ٿيو آهي واقعي بعد علائقي ۾ خوف واري صورتحال ڇانئجي وئي هئي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار چيف ميونسپل آفيسر ۽ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي کان گهر ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي رولو ڪتن کي مارڻ جو سلسلو شروع ڪرائين جيئن وڌيڪ جاني نقصان کان بچي سگهجي،ٻئي پاسي واقعي جو نوٽيس وٺندي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري لاڳاپيل اختيارين کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي ڊپٽي ڪمشنر فوت ٿيل شخص جي ويڪسينيشن ۽ علاج بابت رڪارڊ طلب ڪندي واقعي جا مڪمل تفصيل پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي

PakRe

Pakistan Reinsurance Company Limited

A State-Owned Enterprise under the administrative control of the Ministry of Commerce, Government of Pakistan

VACANCY ANNOUNCEMENT

Chief Executive Officer (CEO)

Pakistan Reinsurance Company Limited (PRCL), Karachi

Pakistan Reinsurance Company Limited (PRCL), a State-Owned Enterprise under the administrative control of the Ministry of Commerce, Government of Pakistan and the sole reinsurance company operating in Pakistan, invites applications from accomplished, ethical, and commercially astute leaders for the position of Chief Executive Officer (CEO). This is a rare opportunity to lead a nationally significant institution, strengthen Pakistan's reinsurance capacity, modernize business operations, and deliver sustainable value under a performance-based contract aligned with the State-Owned Enterprises (Governance and Operations) Act, 2023 and the State-Owned Enterprises (C-Level Appointments) Guidelines, 2024.

Post	Age Limit	Minimum Qualification and Experience Requirement
Chief Executive Officer	Not more than 62 years as of the closing date of the advertisement.	**Qualification:** The candidate must possess either: i. A graduate degree (16 years of education) in Business Administration, Public Administration, Finance, Commerce, Marketing, or equivalent, from an institution recognized by the Higher Education Commission (HEC), or a foreign qualification of equivalent level duly recognized by HEC; OR Membership of a recognized body of professional accountants. **OR** ii. (a) ACII / FCII qualification; (b) Associate or Fellow of the Institute of Actuaries (UK) or Society of Actuaries (US), or equivalent qualification as recognized by the Pakistan Society of Actuaries; (c) Master's degree in Insurance, Risk Management, or Actuarial Sciences from an HEC-recognized university. **Minimum Experience is:** The candidate must have at least ten (10) years of demonstrable experience in one or more of the following areas: I. Governance, business administration, finance, commerce, marketing, or any other field relevant to the role, in a well-known organization with a commercial orientation; OR ii. As Chief Executive in a senior management position in similar organizations with commercial attributes; OR iii. As a member of the governing body of a professional institute or head of a department. **(Note: Out of the required 10 years of experience, at least five (5) years must be as a Key Officer, Director, Chief Executive, or Principal Officer in the insurance industry, or as an officer with the Insurance Regulator, in accordance with the Insurance Companies (Sound and Prudent Management) Regulations, 2012).**

OTHER CONDITIONS AND INFORMATION

Package:	A competitive compensation package, aligned with market standards, will be offered to the successful candidate.
Tenure:	The appointment shall be on a contractual basis for a period of 03 years, subject to performance evaluation.
Age:	Maximum age shall be 62 years (on the closing date for submission of applications).
Nationality:	Only Pakistani citizens are eligible to apply.

Roles and Responsibilities: Detailed job description, role, and responsibilities are available on the official website: **www.pakre.org.pk**

IMPORTANT NOTES

1. Eligible applicants / professionals are required to submit their detailed CVs, along with the prescribed application form (downloadable from the official website: **www.pakre.org.pk**), affidavit and supporting documents, including copies of educational qualifications and relevant experience certificates, to the address mentioned below, within fifteen (15) days from the date of publication of this advertisement. Incomplete or late submissions shall not be entertained.
2. Further details regarding the role, application process, eligibility criteria, and the complete list of documents required for submission will be available on the official website of Pakistan Reinsurance Company Limited: **www.pakre.org.pk**. Applicants are advised to regularly visit the website for updates and clarifications.
3. Only shortlisted candidates shall be contacted and invited for the interview. No travel allowance (TA) or daily allowance (DA) shall be admissible for attending the interview or any stage of the recruitment process.
4. The candidate must fully comply with the Fit and Proper Criteria as outlined in Schedule-IV of the State-Owned Enterprises (Governance and Operations) Act, 2023, and the Insurance Companies (Sound and Prudent Management) Regulations, 2012, issued by the relevant regulatory authorities.
5. PRCL reserves the right to accept or reject any application, or to postpone, amend, or cancel the recruitment process at any stage, without assigning any reason or incurring any liability. No claim whatsoever shall be entertained in this regard.
6. No person shall be appointed as CEO unless he/she is a citizen of Pakistan. Dual nationals are not eligible, and such applications shall not be considered.
7. The appointment process, including shortlisting, interviews, evaluation, and final selection, shall be conducted strictly in accordance with the provisions of the State-Owned Enterprises (Governance and Operations) Act, 2023, the relevant rules and policies issued thereunder, including the State-Owned Enterprises (C-Level Appointments) Guidelines, 2024, and any other applicable laws, rules, regulations or directives issued by the competent authorities from time to time.
8. For any clarification, query, or in case of any ambiguity regarding this advertisement or the application process, applicants may contact us via email at **careers@pakre.org.pk**, or through the contact numbers and address provided below.

PID(K) 1298/26

For General Queries Please Contact:

HR Department, Pakistan Reinsurance Company Limited.
Phone: 021-99202928 Ext: 245 or 281, Email: careers@pakre.org.pk
Address: PRC Tower, 32-A Lalazar Drive, M.T. Khan Road, Karachi.

ميهڙ پرسان ڪوسا برادرين جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، 10 ورهين جي نينگري قتل

پراڻي دشمني تان فائرنگ جي نتيجي ۾ شادي ۾ آيل معصوم عارفه ڌيءُ عبدالستار ڪولاچي مارجي وئي

عصوم نينگري جي قتل خلاف وارثن جو انڊس هاءِ وي تي لاش رکي ڌرڻو، ڪراچي ۽ حيدرآباد ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل

نينگريءَ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي:مظاهرين

ميهڙ: جهيڙي ۾ گولين لڳڻ سبب مارجي ويل نينگري جو لاش

واقعي جي جسقم، ڦ ليگ، پ پ، سروري تنظيم اڳواڻن پاران مذمت، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

ڪيرو : احتجاج ۾ جسقم اڳواڻ آزاد ڪنيو مسلم ليگ فنڪشنل جو اڳواڻ قلندن حمزو خان درس، رستم درس، ابراهيم درس، پيپلز پارٽي جو اڳواڻ فاروق ملاح، سروري تنظيم جو اڳواڻ قاسم هنگورجو جي آر هنگورجو جيلاني جماعت جي حيات سميجو ۽ ٻين شرڪت ڪري واقعي جي سخت مذمت ڪئي ۽ جوابدارن جي گرفتاريءَ جو مطالبو ڪيو

خدا جي بستي مين روڊ تي پورهيتن کي حيدرآباد ڪٽي ويندڙ لوڊر رڪشا کي ڪار جي ٽڪر 12 پورهيت زخمي

ڪوٽڙي(ن ع)ڪوٽڙي سائيٽ جي خدا جي بستي نمبر 3 جي مين روڊ تي تيز رفتار ڪار پورهيتن کي حيدرآباد ڪٽي ويندڙ لوڊر رڪشا کي ٽڪر هنيو جنهن سبب
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ مبينه ڦر دوران مارجي ويلن نوجوان جي وارثن جو احتجاج

وارثن ۽ سومرا اتحاد جي اڳواڻن پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

اشرف سومرو کي جهيڙي بعد ڪهاڙين ۽ لٺين سان تشدد ڪري گولين هڻي قتل ڪيو ويو آهي:وارث

ٽنڊوآدم (ن ع)ٽنڊوآدم ۾ مبينا ڦر جي واقعي دوران مارجي ويل 35 ورهين جي اشرف سومرو جي وارثن ۽ سومرا اتحاد
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: ڦر دوران مارجي ويل نوجوان جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

پٿورو پرسان زرعي زمين تي قبضي جي ڪوشش خلاف پيءُ پٽ جو احتجاج

ڳوٺ الهڏنو مري جي رهواسين ابوبڪر مري ۽ سجاد علي مري جو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو

مير محمد مري ۽ ٻيا زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا، معاملو عدالت ۾ هلندڙ آهي:مظاهرين

ڪمشنر ميرپورخاص سميت اعليٰ اختيارين معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪن

پٿورو (ن ع) پٿورو پرسان ڳوٺ الهڏنو مري جي رهواسين ابوبڪر مري ۽ سندس پٽ سجاد علي مري پاران پنهنجي سوٽن ۽ ٻين مائٽن جي مبينا زيادتين خلاف پٿورو پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو ته سندن سوٽ مير
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ 14 ورهين جي شاگردياڻي جي اغوا جو ڪيس 3 ڄڻن تي داخل

پوجا ڪماري جي والد جي فرياد تي گونڊ، اڪو ۽ شگي ميگهواڙ تي ڪيس داخل ڪيو ويو

پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري شاگردياڻي جي بازيابي لاءِ ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي

عمرڪوٽ (ذ ر) عمرڪوٽ جي بودر فارم واري علائقي مان پنجين ڪلاس جي 14 ورهين جي شاگردياڻي پوجا ڪماري کي مبينا طور اغوا ڪرڻ جو ڪيس سندس والد موهن جي فرياد تي ٽن ڄڻن خلاف داخل ڪيو ويو آهي پوليس موجب ڳوٺ گلو ميگهواڙ جي رهواسڻ شاگردياڻي پوجا
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر پيپلز پارٽي اڳواڻ ۽ اڳوٽو يوسي ناظم عبدالرحيم ڪوسو لاڏاڻو ڪري ويو

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر تعلقي جي معزز شخصيت رئيس ڪاپڙي خان جو پٽ، اڳوٽي تعلقي ناظم عبدالغني ڪوسو جو ڀاءُ، ٽائون ڪاميٽي ننگرپارڪر جي چيئرمين محمد الرحيم ڪوسو جو والد اڳوٽو يوسي ناظم حاڙهو عبدالرحيم ڪوسو وڏو عرصو بيمار رهڻ بعد گذريل ڏينهن وفات ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ ننگرپارڪر جي عوام سياسي سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز ۾ ارباب گروپ
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوار نوڪري لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

جروار لڳ ڪولاچي ۽ خشڪ برادري جي ڌرين ۾ فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل عورتن سميت 7 زخمي

ڳوٺ ٻانهون خشڪ واسي ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙي دوران فائرنگ ۾ عورت سميت 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا

زخمين کي ڊي ايچ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سهولتن جي اڻهوند سبب نياز احمد خشڪ فوت ٿي ويو

خشڪ برادري جي ماڻهن اسپتال ٻاهران احتجاج، ايم ايس تي ايمبولنس نه ڏيڻ جا الزام، انصاف جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽ اشفاق بلوچ) جروار پرسان ڳوٺ ٻانهون خشڪ ۾ زمين جي مالڪي تان ڪولاچي ۽ خشڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ هڪ ڄڻو قتل عورتن سميت ست ڄڻا زخمي اسپتال منتقل ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ برقرار فوتي جي وارثن پاران اسپتال انتظاميه خلاف احتجاج تفصيل موجب جروار ويجهو ڳوٺ ٻانهون خشڪ ۾ ڪولاچي ۽ خشڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ گولين
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو: جهيڙي ۾ مارجي ويل نوجوان جو لاش پيل آهي

عمرڪوٽ ۾ جونيئر سائنس ٽيچرس جي ڀرتين لاءِ اميدوارن جو احتجاج

اربين رپيا خرچ ٿيڻ باوجود سرڪاري اسڪولن ۾ استادن جي کوٽ جو برقرار آهي:مظاهرين

تعليم يافته نوجوان ڊگريون حاصل ڪرڻ باوجود روزگار لاءِ پريشان آهن، آرڊر ڏنا وڃن

عمرڪوٽ (ذ ر) عمرڪوٽ پريس ڪلب آڏو جونيئر سائنس ٽيچرس (JST)جي ڀرتين جا منتظر 40 کان وڌيڪ مارڪون ڪندڙ اميدوارن احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي هنن خالي جاين جو اشتهار جاري ڪري ميرٽ تي ڀرتيون ڪرڻ جو مطالبو ڪيس احتجاج جي اڳواڻي علاوالدين اويس
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

قمبر پرسان پراڻي زميني تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ،پيرسن پٽ سميت قتل،ٻيو پٽ زخمي

مهي مڪول ٿاڻي جي حد ڳوٺ حاڪم شاهه ٿائيم ۾ سيد ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي زرعي تڪرار تان هٿيارٻندن فائرنگ ڪئي

هٿيارٻند 52 ورهين جي عبدالله شاهه ۽ سندس ٻن پٽن رضوان شاهه ۽ ثناءَ الله شاهه کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل ورتي زخمين کي ڳنڀير زخمي حالت ۾ ڪٺائي علاج لاءِ لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو

ٽراما سينٽر ۾ زخمي پيرسن عبدالله شاهه ۽ سندس پٽ رضوان شاهه علاج دوران زخمن جي سٽ نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو

مقتول پيرسن زخمي پٽ ثناءَ الله شاهه کي طبي امداد ڏني وئي،پوليس 4 سڄي جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي

مقتولن جا لاش تعلقه اسپتال قمبر مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيا ويا،لاش گهر پهچڻ تي روج راڙو پئجي ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ)قمبر پرسان سيد ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي زمين تڪرار تان هٿيارٻندن فائرنگ ڪري 52 ورهين جي پيرسن ۽ سندس پٽ سميت 2 ڄڻن کي قتل ۽ هڪ ڄڻي کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا، واقعي جو ڪيس داخل ٿي نه سگهيو پوليس 4 سڄي جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ايچ آءِ وي ۽ انفيڪشن کان بچاءُ بابت آگاهي ۽ جائزه گڏجاڻي

گڏجاڻي ۾ ڊوڪري، آريجا ۽ لاڙڪاڻي جي خانگي طبي مرڪزن جي نمائندن شرڪت ڪئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ)ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو طارق منظور چانڊيو جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر لاڙڪاڻو ڊاڪٽر
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص جو مشهور ڊاڪٽر ۽ سماجي اڳواڻ گل ٽانڪاڻي جو ديهانت ٿي ويو

جگر جي تڪليف سبب حيدرآباد جي اسپتال ۾ 68 سالن جي عمر ۾ دم ڏئي حوالي ڪيو

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جو مشهور ڊاڪٽر ۽ سماجي اڳواڻ گل ٽانڪاڻي جگر جي بيماري سبب ديهانت ڪري ويو آخري رسمن ۾ وڏي ۾ ماڻهو شريڪ ميرپورخاص جو مشهور سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر گل ٽانڪاڻي 68 سالن جي ڄمار ۾ جگر جي تڪليف سبب حيدرآباد
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سنڌ ورهاڱي واري سازش خلاف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور پاران سنڌ وڪيل ڪنوينشن

ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين وڪيل متحد آهن، سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي: عامر وڙائچ

ورهاڱي جو معاملو سامهون آيو ته وڪيل ان جي مخالفت ڪندا ۽ ٿيندڙ سازشن جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو

جيستائين وڪيل موجود آهن، تيستائين سنڌ کي ڪير به ورهائي نٿو سگهي، ڪنهن کي به غلط فهميءَ ۾ نه رهڻ کپي

ڪنوينشن کي بئريسٽر ارشد شر، ڪي بي لغاري، ايڊووڪيٽ قربان ملاڻو، اعجاز علي چانڊيو ۽ ٻين خطاب ڪيو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) سنڌ جي ورهاڱي واري سازش خلاف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي ميزباني هيٺ سنڌ وڪيل ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان هزارين وڪيلن شرڪت ڪئي ڪنوينشن ۾ سنڌ جي وحدت سالميت ۽ يڪجهتيءَ جي تحفظ، آئيني بالادستي ۽ عوامي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو ويو ڪنوينشن کي خطاب ڪندي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سورو: زخمي شخص کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

خيرپور لڳ ڳڻن کي زخمي ڪرڻ واري واقعي جو ايس ايس پي نوٽيس ورتو

ايس ايس پي امير سعود مگسي جي حڪم تي سوراهه تي جوابدار خلاف ڪيس داخل

پوليس الزام هيٺ آيل جوابدار شريف پنهور کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي

خيرپور(ذر) خيرپور: ڳڻن کي ڪهاڙي سان زخمي ڪرڻ جو واقعو پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو تفصيل موجب خيرپور ۾ ڳڻن کي ڪهاڙي سان زخمي ڪرڻ واري واقعي جو ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي سخت نوٽيس وٺندي ملوث جوابدار جي گرفتاري جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا پوليس ترجمان موجب ايس ايس پي خيرپور جي حڪم تي ٿاڻي سوراهه جي ايس ايچ او ۽ پوليس ٽيم بروقت ڪارروائي ڪندي ڳڻن کي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ٿيليسيميا جي روڪٿام لاءِ هڪ روزه آگاهي سيمينار منعقد

منوبائي ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر ۽ اقليتي معاملن واري کاتي جي سهڪار سان سيمينار ۾ اقليتي مذهبي ۽ سماجي اڳواڻن جي شرڪت

اقليتي معاملن واري کاتي جي سيڪريٽري پاران سينٽر لاءِ گرانٽ جي فراهميءَ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪرڻ جي خاطري

ماهرن پاران منگڻي يا شادي کان اڳ رت جي ٽيسٽ ڪرائڻ جي اهميت تي زور، ايندڙ نسل کي ٿيليسيميا کان محفوظ رکڻ لاءِ عوامي آگاهي وڌائڻ جو عزم

بدين (ذ ر) بدين ۾ ٿيليسيميا جي روڪٿام عوامي آگاهي ۽ روشن مستقبل لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جي عزم تحت سوسائٽي فار ڪيئر آف ٿيليسيميا پيشنٽس بدين (منوبائي ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر بدين) ۽ اقليتي معاملن واري کاتي، حڪومت سنڌ جي سهڪار سان هڪ روزه سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار جو مقصد موضوع "ٿيليسيميا جي روڪٿام ۾ اقليتي مذهبيءَ سماجي اڳواڻن جو ڪردار" هو سيمينار ۾ اقليتي معاملن واري کاتي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ملتان: هارياڻيون سارين جي سٽ ڪري رهيون آهن

سڄاول: زرعي بئنڪ جو اڳوڻو ايم سي او اسلم عمراڻي لاڏاڻو ڪري ويو

سڄاول (ذ ر) زرعي بئنڪ جي اڳوڻي ايم سي او اسلم عمراڻي ڪافي عرصي کان بيمار رهڻ کانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويو سندس لاڏاڻي جي خبر علائقي ۾ ڏک جي لهر ڦهلجي ويئي، جڏهن ته سندس جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي ۽ علمي شخصيتن سميت مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جمعيت علماءِ اسلام
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: آمريڪي وفاقي سفير نيٽلي بيڪر انعام حاصل ڪندڙ رانديگرياڻين سان گڏ بيٺل آهي

ڪنڊڪوٽ اسٽريم جرني 2026-27 جي حوالي سان پروگرام منعقد

ڊي اي او جهانگير بنگلاڻي پاران منعقد پروگرام ۾ هيڊماسترن ۽ آفيسرن جي شرڪت

شاگردن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ 15 نومبر تائين اسٽريم پروگرام جاري رهندو

سنڌ جي وڏيرڪي وارن ڪلاڪن ۾ ڪنهن جي ڏوهه ناهي، ڊاڪٽر قادر مگسي

حڪمران جماعتن جي گهرجي ته ڪي پي ڪي مان فوري طور ايمرجنسي ختم ڪن

ميهڙ کان ڳاڙهي ويندڙ بس سروس ۾ شاگردن سان مبينا بدسلوڪي، شاگردن جو احتجاج

بس مالڪ علي رضا جتوئي تي شاگردن سان بداخلاقي ۽ ليپ ٽاپ ڀڃڻ جا الزام

احتجاج ڪندڙ شاگردن جو بس مالڪ کان معافي، ڀڳل ليپ ٽاپ جو معاوضو ۽ ڪرايو مناسب ڪرڻ جو مطالبو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ڳوٺ ڳاڙهي کان ميهڙ تائين بس سروس جي شاگردن سان ٿيل بداخلاقي جو انتظاميا نوٽيس نه ورتو شاگردن احتجاجي مرحلو شروع ڪري ڇڏيو شاگردن احتجاج ڪندي چيو آهي ته بس مالڪ علي رضا جتوئي شاگردن کان معافي وٺي، ليپ ٽاپ جيڪو ڀڳو آ ان جو
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز: ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ ڏيا ٻاريا پيا وڃن

ٺٽي ۾ ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جي ورسي ملهائي وئي

صنعان خان قريشي، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ جسقم اڳواڻن پير پٺو ۾ چادر چاڙهي دعا گهري

قومپرست اڳواڻن پاران شهيد عبدالمالڪ خشڪ کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

ٺٽو (ذ ر) ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جي ورسي ملهائي وئي ٺٽي لڳ پير پٺو جي تاريخي قبرستان ۾ قومپرست اڳواڻن ڊاڙار ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيد عبدالمالڪ خشڪ جي مزار تي پهچي چادر چاڙهي دعا گهري ۽ ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو جسقم جي چيئرمين صنعان خان قريشي جي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

مٺي ۾ ايم ڊي ڪيٽ 2026ع ۾ نمايان پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن جي مان ۾ تقريب

جماعت اسلامي ٿرپارڪر پاران منعقد تقريب ۾ شاگردن والدين استادن ۽ شهرين جي شرڪت

مٺي (ذ-ر) جماعت اسلامي ٿرپارڪر پاران ايم ڊي ڪيٽ 2026ع ۾ نمايان پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن جي اعزاز ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردن والدين استادن ۽ شهرين شرڪت ڪئي تقريب ۾ شاگردن کي ليپ ٽاپ، ڪمپيوٽر ۽ اعزازي شيلڊون ڏنيون ويون
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار سبزي منڊي ۾ عدالتي حڪم تي ڪارروائي، قبضي هيٺ آيل 16 دڪان سيل

مارڪيٽ ڪميٽي جي سيڪريٽري راشد حسين چاچڙ جي اڳواڻيءَ ۾ ڪارروائي ڪئي وئي

ٽنڊوالهيار (ذ ر) ٽنڊوالهيار ۾ مارڪيٽ ڪميٽي جي سيڪريٽري راشد حسين چاچڙ سبزي منڊي ۾ عدالتي حڪم تي ڪارروائي ڪندي 16 ڪان مٿي مبينا قبضي هيٺ آيل دڪانون سيل ڪري ڇڏيون ان موقعي تي مارڪيٽ ڪميٽي جي سيڪريٽري
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام

شهر جي نوجوانن ڪانسواءِ ايس يو پي ڪارڪنن جي اڪثريت رت عطيو ڪيو

سڪرنڊ (س ر)ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي پاران نواب ولي محمد ۾ جيلاني ڪاٽني تي UP نواب ولي محمد جي يوسي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: ٿيليسيميا جي ٻارڙن رت جو عطيو ڏنو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ رولو ڪتي جو ڏاڙهيل شخص 40 ڏينهن کانپوءِ فوت،علائقي ۾ خوف

رولو ڪتي جو ڏاڙهيل سترام ڪولهي 40 ڏينهن بعد ريبيز سبب فوت ٿي ويو

پٽي هوٽل جي رهواسي ستارام ڪولهي کي تقريبن 40 ڏينهن اڳ رولو ڪتي چڪ هنيو هو:وارث

ڊپٽي ڪمشنر نوٽيس ورتو،فوت ٿيل شخص جي ويڪسينيشن ۽ علاج بابت رڪارڊ ۽ واقعي جا مڪمل طلب

علائقي ۾ خوف واري صورتحال ڇانئجي وئي،ڊپٽي ڪمشنر،چيئرمين ميونسپل ڪميٽي کان رولو ڪتا مهم شروع ڪرائڻ جو مطالبو

ٽنڊوالهيار(ذ ر)ٽنڊوالهيار ۾ رولو ڪتي جو ڏاڙهيل شخص فوت .لاش سول اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڊي سي جو نوٽيس،اختيارين کان ويڪسينيشن ۽ علاج جو رڪارڊ طلب خبر موجب ٽنڊوالهيار ۾ رولو ڪتي جو ڏاڙهيل ستارام ڪولهي 40 ڏينهن بعد ريبيز سبب فوت ٿي ويو فوتي ستارام ڪولهي ٽنڊوالهيار ويجهو پٽي هوٽل جو رهواسي هو وارثن موجب فوتي کي تقريبن 40 ڏينهن اڳ رولو ڪتي چڪ هنيو
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

دولتپور جي ڪچي ۾ ٻٽي قتل جو ڪيس 5 ڄڻن خلاف داخل

نثار پلي ۽ گلزار سولنگي جي قتل جو ڪيس پنجن نامزد جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو

ايف آءِ آر ۾ مرتضيٰ پلي ۽ احسان پٽ مريد، عاشق،مظفر الاهي بخش ڪاڪيپوٽو نامزد

پوليس پاران جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ مختلف ڇاپا ۾ ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي

دولتپور (ن ع)ڪن ڏينهن اڳ ڳوٺ فيض محمد پلي واسي نثار علي پلي ۽ سندس دوست، ڪوٽ لالو واسي گلزار علي سولنگي جا ڏيهه سڪيور جي ڪچي واري علائقي ۾ گولين لڳل لاش هٿ آيا هئا، جنهن واقعي ڪاڻي علائقي ۾ ڍڪائي پکڙجي ويو هوڻي قتل واري واقعي جو ڪيس مقتول نثار علي پلي جي ڀيءُ محمد اشرف پٽ عبدالرئوف پلي جي فرياد تي علي آباد ٿاڻي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ايم پي اي جميل سومرو شهرين ۽ پارٽي ورڪرن سان ملاقات ڪئي

پارٽي منشور تحت شهرين جي هر ممڪن خدمت جو سلسلو جاري آهي:جميل سومرو

ڪوشش آهي ته شهرين کي بنيادي سهولتون سندن در اڳيان مهيا ڪيون وڃن

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ)لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي پوليٽيڪل سيڪريٽري ايم پي اي جميل احمد سومرو پاران غالب نگر پيپلز هائوس تي آيل شهرين ۽ پارٽي ورڪرن سان ملاقاتون ڪيون، جتي هن شهرين جا مسئلا ۽ شڪايتون غور سان ٻڌڻ بعد
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ملتان: شاهه رڪن عالم جي مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري پئي وڃي

جهمپير ۾ ڪوئلي جي کاڻ ۾ ٺيڪيدار جو پراسرار موت،وارث لاش کڻي اسپتال پهچي ويا

ٺيڪيدار پريم عرف الطاف جي وارثن لاش کڻائي ڊي ايچ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي پهچي احتجاج ڪيو

پريم عرف الطاف جي موت جو معاملو ڳجهارت بڻيل آهي: اسان کي قتل جو شڪ آهي:وارث

پريم عرف الطاف جي موت ڇت تان ڪرڻ سبب ٿيو آهي:ڪوئلي جي کاڻ جي انتظاميه

پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ کان پوءِ ئي نوجوان جي موت جا اصل سبب واضح ٿي سگهندا:ڪوٽڙي انتظاميه

ڪوٽڙي (ن ع)ٺٽي ضلعي جي جهمپير واري علائقي ۾ ڪوئلي جي کاڻ جي ٺيڪيدار پريم عرف الطاف جو پراسرار موت، ٺٽي ضلعي جي جهمپير واري علائقي ۾ ڪوئلي جي کاڻ جي ٺيڪيدار پريم عرف الطاف جي موت جو معاملو اڃا تائين ڳجهارت بڻيل آهي ڪوئلي جي کاڻ جي انتظاميا جو چوڻ آهي ته پريم عرف الطاف جي موت ڇت تان ڪرڻ سبب ٿيو آهي جڏهن ته وارثن پاران شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي ته نوجوان کي قتل ڪيو ويو
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ زمين تڪرار تان مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ قتل

دراني مهر ٿاڻي جي حد ۾ جهيڙي دوران گولين لڳڻ سبب بهار مهر مارجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، ڌريون مورچا بند، جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيلن جا مڙهه اسپتال ۾ آندا پيا وڃن

جيستائين مقتول جا جوابدار گرفتار نه ٿيندا، تيستائين ڌرڻو جاري رکيو ويندو: شوڪت هنگورجو

ڪيرو : پاڪستان مسلم ليگ جي اڳواڻ شوڪت هنگورجو چيو ته جيستائين مقتول جا جوابدار گرفتار نه ٿيندا، تيستائين ڌرڻو جاري رکيو ويندو

ڪراچي مان اغوا بعد قتل ٿيل زين سومرو جو مڙهه ڪڪڙ پهتو

سنڌ ۾ ٽماٽي جو بمپر فصل لهڻ شرط اگهه ڪري ڌڙي آبادگارن معاشي تباهه ٿي ويا

اسلام ڪوٽ ۾ عوامي تحريڪ جي تعلقي باڊي جوڙي، ڊاڪٽر سائل قرار ڏنل جو مطالبو

مٺي ويجهو ڳوٺ پڪوئو ۾ ڀاءُ هٿان ڀاءُ قتل، جوابدار گرفتار

ٻارن جي جهيڙي تان ننڍي ڀاءُ امرت ننڍ ۾ سٽل وڏي ڀاءُ ڀمن تي لٺين سان حملو ڪري ڏنو

نازڪ حالت ۾ زخمي کي ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

مٺي پوليس پاران جوابدار امرت ميگهواڙ کي گرفتار ڪري ورتو، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو

مٺي (ذ-ر) تعلقي مٺي جي ڳوٺ پڪوئو ۾ رت جي رشتن کي ٻاهه ڀاءُ هٿان ڀاءُ قتل. قاتل جوابدار گرفتار خبر مطابق ٻه ڏينهن اڳ ڳوٺ پڪوئو ۾ ٻارن ۾ جهيڙي جي معمولي ڳالهه تان وحشي ننڍي ڀاءُ امرت ولد اميدو ميگهواڙ ننڍ ۾ سٽل پنهنجي وڏي ڀاءُ ڀمن ولد اميدو ميگهواڙ کي مٿي تي لٺين جا وار ڪري مغز ڦاڙي وڌو جنهن کي نازڪ حالت ۾ سول اسپتال مٺي کان ڪراچي جي ٽراما سينٽر ۾ داخل ڪيو ويو جتي هو آخرڪار زخمن جا تاب نه سهندي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: فوت ٿيل نوجوان جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين جو ملڪ محمد مزمل پي سي بي حيدرآباد ڊويزن ڪرڪيٽ جو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويو

بدين (ذ ر) بدين جو انجنيئر ملڪ محمد مزمل پي سي بي حيدرآباد ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويو پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) جي ريجنل چونڊن 2026ع ۾ ضلعي بدين سان تعلق رکندڙ انجنيئر ملڪ محمد مزمل وڏي اڪثريت سان حيدرآباد ڊويزن ڪرڪيٽ جي جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي تي ڪاميابي ح
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ زيتونن جي باغن کي فروٽ فلاءِ جي تباهي کان بچائڻ لاءِ امدادي پروگرام شروع ڪرڻ جو مطالبو

10 هزار ايڪڙن جي ايراضيءَ تي زيتونن جا باغ آهن، جيڪي هزارين باغ مالڪن ۽ زرعي مزدورن جي روزگار جو ذريعو آهن:چيمبر آف ايگريڪلچر

باغن جي مالڪن کي مفت فرومون ٽريپس سميت فروٽ فلاءِ جي اثرائتي روڪٿام لاءِ سائنسي بنيادن تي منظور ٿيل فنڊ فراهم ڪيا وڃن

زيتونن جا باغ رکندڙ آبادگار سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن،ڀاڻ، زرعي دوائن ۽ ٻين پيداواري خرچن ۾ واڌ پريشانين ۾ اضافو ڪري ڇڏيو

پنج سال اڳ سنڌ ايريگيٽيڊ ايگريڪلچر پراڊڪٽوٽي انهانسمنٽ پراجيڪٽ پاران عالمي بئنڪ جي سهڪار سان هڪ منصوبو شروع ڪيو ويو هو

زراعت کاتي جي ماهرن تي ٻڌل هڪ خاص ٽيم جوڙي وڃي، جيڪا زيتونن جي باغن جو سروي ڪري موسم کان اڳ ان جي روڪٿام لاءِ عملي قدم کڻي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر لاڙڪاڻو پاران سنڌ حڪومت ۽ زراعت کاتي کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته لاڙڪاڻي ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ زيتونن جي باغن کي فروٽ فلاءِ جي تباهه ڪندڙ حملي کان بچائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي خاص زرعي امدادي پروگرام شروع ڪيو وڃي ۽ باغن جي مالڪن کي مفت فرومون ٽريپس سميت فروٽ فلاءِ جي اثرائتي روڪٿام لاءِ سائنسي بنيادن تي منظور ٿيل فنڊ فراهم ڪيا وڃن ان
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: فوت ٿيل شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

سيڪريٽري اوقاف پاران حيدرآباد ۽ مٽياري جي مقدس ماڳن جو دورو

آغا فاخر حسين درگاهه عبدالوهاب شاهه جيلاني ۽ قدم گاهه مولا عليؑ تي حاضري ڀري

ڀٽ شاهه ۾ درگاهه حضرت شاهه ڀٽائي جو دورو چادرون چاڙهيون ۽ دعا گهري

حيدرآباد (چيف رپورٽر)سيڪريٽري اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر سنڌ آغا فاخر حسين حيدرآباد ۽ مٽياري ضلعي جي مختلف مقدس ماڳن جو دورو ڪري زائرين کي فراهم ٿيندڙ سهولتن، صفائي سٿرائي ۽ انتظامي بندوبستن جو جائزو ورتو سيڪريٽري اوقاف آغا فاخر حسين
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ميهڙ جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيا، شهري اتحاد جي سڏ تي 36هين ڏينهن به احتجاجي ريلي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 36 ڏينهن به بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهرين سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن، دڪاندارن مختلف ڪالونيز جي رهواسين ۽ بلدياتي ادارن جي ڪائونسلرن پاران ڀٽو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو، پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ بلائينڊ وائيس پاران معذورن جي عالمي ڏينهن جي تقريب

معذور معاشري جا خاص فرد آهن،سڀني سار سنڀال لهڻ اسان جي ذميواري آهي:فدا حسين

نابينن کي ڪوٽا تحت نوڪريون ڏنيون ۽ ڪيس روزگار جا موقعا فراهم ڪيا وڃن

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ)لاڙڪاڻي ۾ بلائينڊ وائيس فائونڊيشن ضلعي طرفان معذورن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان شهر جي سر شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري ۾ تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر فدا حسين، لاڙڪاڻو سماجي اتحاد جي سرواڻ شيخ
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽڪ ٽاڪر فرزانه لغاري پاڙيسرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي:غلام حسين سومرو

عورت گهر ۾ اڪيلي رهي ٿي،نشي ۾ ڌت ٿي ڪري پاڙيسرين کي گارگند ڪري ٿي

ٿاڻي تي اطلاع ڪئي ۾ ڇاپائل عورت پوليس اهلڪارن کي گارگند ڪندي ڊوڙائي ڇڏيو

ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي نوٽيس وٺي ڇاپائل عورت کي ٻاڙي مان ٻئي جاءِ تي منتقل ڪن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) قاسم آباد جي علائقي منذارشورو ڳوٺ جي رهواسي پورهيت غلام حسين سومرو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پنهنجي مائٽن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڀٽ شاهه پريس ڪلب ۾ سيد سلال شاهه بخاري جي سالگرهه تقريب،ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ڀٽ شاهه (ن ع پ پ يوٿ ڪنڊو محمد خان جي ضلعي صدر سيد سلال حسين شاهه بخاري،سيد مهربان علي شاهه شمسي تبريزي سبزواري، سائين محي الدين حسيني عرف جاني شاهه سيد مصطفيٰ شاهه فقير عبدالله چيڙ سيد ضامن شاهه درگاهه ڀٽائي تي حاضري ڀري مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري،جنهن بعد ڀٽ شاهه
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ساحلي پٽي جي زمينن لاءِ نون صوبا ٺاهڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي:لال جروار

پاڪستان بئنڪ جي عالمي بحران کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ڏهن ملڪن ۾ شامل آهي

نون صوبن جي مهم وسيلي اتحادي سرڪار ڪرپشن ۽ ڦرلٽ تي پردو وجهي رهي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)حڪمرانن جي ڪرپشن ۽ وسيلن جي ڦرلٽ سبب پاڪستان بئنڪ ۽ بدحاليءَ ۾ دنيا جي ٽاپ ٽين ملڪن ۾ شامل ٿي ويو آهي پاڪستان جو بئنڪ ۽ غذائي بحران ۾ دنيا جي ڏهن بدترين متاثر ملڪن ۾ شامل ٿيڻ حڪمرانن جي نااهلي ۽ ڪرپشن جو ڪليل ثبوت آهي سنڌ ۽ بلوچستان جي ساحلي پٽي سميت ملڪ جون زمينون ڪمپنين
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ويجهو مزدا گاڏي بيٺل ٽرالر سان ٽڪرائجڻ سبب هڪ ئي خاندان جا 3 ڄڻا فوت، 5 زخمي

ايم فائيو موٽروي تي پيش آيل حادثي ۾ عاشق حسين، عبدالرئوف ۽ مسمات صفيا ڪوڪر ڦٽڻ تي دم ڏنو

حادثي ۾ زخمي عبدالغني، آصف، مسمات سرور بيبي، مسمات نسرين، مسمات خورشيد ۽ لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا

متاثر خاندان ڪراچيءَ مان پنهنجي هڪ عزيز جو مڙهه کڻي رحيم يار خان وڃي رهيو هو ته حادثو پيش آيو

عورت سميت ٽنهي ڄڻن جا مڙهه اسپتال ۾ ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کانپوءِ وارثن حوالي ڪيا ويا

گهوٽڪي(رپورٽ: اقبال صديقي) گهوٽڪي ايم فائيو موٽروي تي آنڊل سنڌراڻي ٿاڻي جي حد ۾ ريسٽ ايريا لوڪيشن 462 ويجهو مزدا گاڏي بيٺل ٽرالر سان ٽڪرائجي وڃڻ جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ئي خاندان جي هڪ عورت سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا. حادثي ۾ فوت ٿيلن جي سڃاڻپ عاشق حسين ڪوڪر ولد عبداللطيف، عبدالرئوف ڪوڪر ولد حاجي احمد ۽ مسمات صفيا زال غلام قاسم طور ٿي آهي جڏهن ته زخمين ۾ عبدالغني،
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ ڪاريگر هارمونيم جي مرمت ڪري رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.